

(نثري نظم)
باغي
منهنجو روح
ازل کان
ستار سروهي
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

باغي مُنهنجو رُوح ازل کان

(نثري نظم)

ستار سروهي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب نمبر 215

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

باغي مُنهنجو رُوح ازل کان

موضوع: نثري نظم

شاعر: ستار سروهي

ڇاپو پهريون: فيبروري 2020ع

ڪمپوزنگ: مصور

ٽائيٽل: مهراڻ علي سهتو

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

سامهون عبرت پريس, گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع

www.sindhsalamat.com

قيمت: =/250

Baaghi Munhinjo Rooh Azal Kha

Subject: Poetry

Poet: Sattar Sarohi

Published by: Sambara Publication Hyderabad

Email: sambara.publication@gmail.com

هي ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچي ۽ پاران پڌرو ڪيو

اڻپنا

بابا سائين

فقير عبدالحق

جي نانءُ

جيڪو 21 ڊسمبر 2017ع تي اسان کان وڇڙي ويو

تڏهن کان مان ننگي سورج هينان

پيرين اگهاڙو بينل آهيان

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"باغي منمنجو روح ازل کان"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب صحافي ۽ شاعر **ستار سروهي** جي نثري نظمن جو مجموعو آهي.

ستار سروهي جو شعري سفر سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو اهڙو نچوڙ آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي تلخ ۽ رومانوي ڪيفيتن کي نهايت نفاست سان قلمبند ڪيو ويو آهي. ستار سروهي جي شاعري سندس سياڻ جيان حساس دلين ۾ گهر ڪرڻ جي تقويت سان سرشار آهي، خاص طور سندس هي نثري نظم پڙ حساس دلين جو آئينو آهن، جن کي پڙهندي هر پڙهندڙ پاڻ کي ان ڪيفيت ۾ طاري محسوس ڪندو ۽ اهائي خوبي کيس ٻين کان گهڻو منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي. هونئن به سندس نثري نظم هر عام ۽ خاص دلين جي ترجماني ڪن ٿا.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون ستار سروهيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اداري پاران

سنڌي ٻوليءَ جي گَوِتا کيتر جا گل پنهنجي پنهنجي منفرد مهڪ سان سنڌي ادب جي گلستان کي وڌيڪ جاوداني بخشڻ لاءِ هميشہ اُتاولا رهيا آهن. برجستو نوجوان ليکاري ستار سروهي سنڌي صحافت ۾ ناماچاري ماڻيندي شاعريءَ جي دنيا ۾ پڻ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ٺاهي آهي. سندس پهرئين شعري مجموعي "يادگيرين جو ڪفن" کان نثري نظمن تي مشتمل هن ڪتاب "باغي منهنجو روح ازل کان" تائين جو شعري سفر سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو اهڙو نچوڙ آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي تلخ ۽ رومانوي ڪيفيتن کي نهايت نفاست سان قلمبند ڪيو ويو آهي. هونئن بہ ستار سروهي جي شاعري سندس سياڻ جيان حساس دلين ۾ گهر ڪرڻ جي تقويت سان سرشار آهي، خاص طور سندس هي نثري نظم پڻ حساس دلين جو آئينو آهي ۽ جن کي پڙهندي هر پڙهندڙ پاڻ کي ان ڪيفيت ۾ طاري محسوس ڪندو ۽ اهائي خوبي کيس ٻين کان گهڻو منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي.

ستار سروهي نہ فقط بهترين نثر نويس، سينيئر صحافي، ٿي وي هوسٽ ۽ سهڻو شاعر آهي، پر مخلص ۽ محبوب سيرت جو ڌڻي پڻ آهي. سندس ڪالم ۽ مضمون مختلف اخبارن جي زينت بڻيا رهيا آهن. سندس پهرئين شعري مجموعي جي ڪاميابي بعد يقينن هي ڪتاب پڻ ادب دوستن لاءِ لاپائتي سوڪڙي ثابت ٿيندو. هونئن بہ سندس نثري نظم هر عام ۽ خاص دلين جي ترجماني ڪن ٿا. اسان جي دعا آهي تہ پاڻ سدائين ائين لکندو رهي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

پنهنجي پاران

جوئي آهيان سوئي آهيان...!!

شاعري جي پنڌ جو مسافر آهيان. پهريون شعر 1996ع ۾عوامي آواز جي صفحي "جوت" ۾ شايع ٿيو هو ۽ ائين شاعريءَ جو هي پانڌيئڙو پنهنجي ادبي ڪُڙم قبيلي ۾ هڪ گمنام جيان ڪاهي پيو ۽ هن ہن ڏهاڪن کان وڌيڪ محيط پنڌ ۾ ڪڏهن پير پٽون ٿيا آهن ته ڪڏهن وري راهہ جي پٽرن پئي حوصلو وڌايو آهي. مان ڪو وڏو شاعر ته نہ آهيان پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته جيئن انسان سماجي جانور آهي تيئن هڪ شاعر/هڪ تخليقڪار سماجي ڊاڪٽر هوندو آهي ۽ هڪ سٺو ڊاڪٽر اهو هوندو آهي، جنهن کي مريض جي نبض ڏسڻ اچي. ان جو مسئلو ٻڌڻ ٻہ اچي. ان مسئلي جو حل ڪيڏ ٻہ اچي، علاج ٻہ ڪرڻ اچي ۽ ان جي علاج سان مريض کي فائدو ٻہ ٿئي.

مان سمجهندو آهيان ته هڪ شاعر يا لکاريءَ جي بنيادي ذميواري ٻہ اها ئي ٿئي ٿي ته پنهنجي عشق ۽ اندروني اسرارن جي داستانن سان گڏ پنهنجي سماج ۽ پنهنجي ماڻهن کي هڪ درست پيغام ٻہ ڏي. هڪ اهڙو پيغام، جيڪو انهن جي زندگين ۾ ٻيو ڪجهہ ٻہ نہ پر رڳو سوچڻ جي تبديلي آڻي سگهي، تڏهن ٻہ وڏي ڳالهہ آهي. مون پنهنجي 20 سالن جي ڏکهي صحافتي سفر ۾ سنڌي سماج جو جيڪو ويجهڙائيءَ کان سياسي توڙي سماجي، تاريخي توڙي تهذيبي مشاهدو ڪيو آهي، اها ان جي مهرباني آهي جو منهنجي شاعري ۾ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن جو درد ۽ تذڪرو ملي ٿو.مون جڏهن ٻہ ڪٿي ظلم ٿيندي ڏٺو آهي، منهنجي قلم کي جنبش آئي آهي،مون جيڪو ڏوڪيو آهي سو لکيو آهي، جيئن سوچيو آهي، جيئن محسوس ڪيو آهي تئين ئي بنا رکُ رکاءَ جي لکيو آهي. ان ۾ مون گهڻن اهڙن موضوعن تي ٻہ لکيو آهي ۽ ڇِتو لکيو آهي، جن موضوعن کي"Bold" ۽ "Sensitive" موضوع چئبو آهي.

پنهنجي نثري نظمن جي ڪتاب "باغي منهنجو روح ازل کان" ۾ منهنجي ازل جي بغاوت ۽ ڪروڌ آهي، جاکاڙ ته هي عشق جو اسرار آهي، جو مُنهنجي شاعريءَ ۾ هيڏي ساري ڪائنات سمائجي وئي آهي. عشق بنيادي طور نالو ئي آهي بغاوت جو. اهڙي بغاوت، جيڪا توهان کي هوا جي اُبتڙ هلڻ سيکاري ٿي. بلڪل ائين، جيئن لطيف سائين فرمايو آهي ته:

"لهوارو لوڪ وهي، تُون اوچو وَهه اوپار."

مان به همیشہ پنهنجي وات ورتي آهي. اڪثريت بدران اقليت سان گڏ بيهڻ تي ترجيح ڏني اٿم. جو جاڻان ٿو ته اڪثريت "اڪثر ڪري" غلط رُخ ۾ هلندي آهي. بلڪل ائين، جيئن ابليس کي اڪثريت شيطان سمجهندي آهي ۽ مان ڪيس سچو عاشق ۽ رُوءِ زمين جو پهريون باغي سمجهندو آهيان. سچل سائين چواڻي ته:

"سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي."

مون به سچ چوڻ جي وات ورتي آهي. ڪنهن کي ڀَالهه وڻي ٿي، تڏهن به نٿيڪ، ڪنهن کي نٿي وڻي، تڏهن به نٿيڪ.

مان انتهائي ٿورائتو آهيان سنڌي ٻولي جي نامياري مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر سائين زاهد شيخ صاحب جو، جنهن مون جهڙي پنهنجي ننڍڙي مداح ته ايڏو تفصيل سان مهاڳ لکيو آهي. اها ان جي ڪُشاده دِلي آهي. مان ٿورائتو آهيان سنڌي ٻولي جي يگاني نقاد ۽ ڪهاڻيڪار سائين ممتاز مهر صاحب جو جن پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي منهنجي لاءِ به اکر لکيا آهن، جيڪو منهنجي لاءِ هڪ اعزاز آهي. پنهنجي پياري دوست، اديب ۽ نقاد محترم ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري، مشتاق گبول، سائين نذير سروهي ، سائين ساهه شيخ صاحب جا به وڏا وڙ جن مونکي پنهنجي لکڻين ۾ مان ڏنو آهي. مان سندن ٿورالاهي ته نه ٿو سگهان پر ڀَائيندس ضرور. آخر ۾ پياري ساجد سنڌي جي به وڏي مهرباني، جنهن هي ڪتاب ڇپرائي منهنجي ۽ منهنجي پڙهندڙن وچ ۾ رابطو قائم رکيو آهي.

پنهنجي نثري نظمن جي هِن ڪتاب جي حوالي سان مان ڪا گهٽي دعويٰ ته نه ٿو ڪريان، پر ايترو ضرور چوان ٿو ته مان علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي جمود خلاف آواز اٿارڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي ۽ منهنجا نثري نظم منهنجي داخلي ۽ خارجي پيڙائن جو پُر آشوب داستان آهن.مان پنهنجي پڙهندڙن کي پنهنجي فڪر ۽ تخيل سان ڪيترو مطمئن ڪري سگهندس. اهو ايندڙ وقت تي ڇڏجي ٿو ڇو ته:

"واکا ڪرڻ مون وس، پُڌڻ ڪم ٻروچ جو."

توهان جو پنهنجو

ستار سروهي

حيدرآباد

مهاڳ

باغي نظمن جو شاعر

شاعري قومن جو عام دفتر هوندي آهي ، جنهن ۾ انساني تهذيب، تمدن، قومن جي جنگين، محبتن، المين، محرومين،سورهيائي ۽ ناڪامين جا داستان لکل هوندا آهن. اها شاعري ئي آهي، جيڪا صدين کان تهذيبن جو پڙاڏو بڻجي گونجي ٿي. قومي ڏک، قومي سانحا، قومي جشن ۽ قومي عيدون هن شاعري جي سيني ۾ دفن آهن. دنيا جي ڪهڙي به قوم جي تاريخ ۾ جهاتي پائڻي هجي تہ توهان ان جي شاعري جا اسرار ڳولڻ شروع ڪيو تہ اوهان کي ان قوم جا سڀ اسرار معلوم ٿي ويندا. سنڌ ان ڏس ۾ خوشنصيب آهي، جو هزارين سالن جي بحرانن ۽ ڪاهن جي باوجود دنيا جي قديم تهذيبن ۾ شمار ٿيندڙ اسان جي سنڌو تهذيب اڄ بہ ڳنڍُ ڪٽي بيٺل آهي ۽ لاکيٽي لطيف جي سرواٽي ۾ سنڌ جا قلم ڏٽي پنهنجي شاعري جي قديم توڙي جديد معجزن سان گڏ هٿ ۾ تنبورو کڻي بيٺل آهن.

سنڌ هزارين سالن کان رت جا درياءَ پار ڪري پنهنجي موجوده مقام تي بيٺي آهي. سُمنگ چارڻ ۽ پاڳو پان کان ويندي اڄ تائين شاعرن سنڌ جي جنگ جي ميدانن جا ڪيڏارا، رزميہ داستان، محبتن جا داستان ۽ سماج جي سياسي توڙي سماجي المين کي پنهنجي شاعري جو حصو بڻائي تاريخي دستاويز بڻائي ورتو آهي. لطيف سائين کان شيخ اياز ۽ شيخ اياز کان ويندي اسان جي نوجوان دوست ستار سروهي تائين شاعري هڪ ڊگهي تسلسل مان گذرندي آئي آهي ۽ شاعرن جو سماجي توڙي قومي فڪر قوم کي اڄ بہ رهنمائي ڏيندي محسوس ٿي رهيو آهي.

هڪ شاعر عام انسان کان تمام گهڻو مٿيرو ۽ ممتاز هوندو آهي ۽ انهن شاعرن مان وري اهي ڳوڙ ِسرجڻهار پنهنجي همعصر دور ۾

مَٽيرا ۾ ممتاز ٿي ٻيهندا آهن، جن وٽ شاعري جي پنهنجي ٻَني، پنهنجي پوک ۾ پنهنجو فصل هوندو آهي. اهي شاعر پنهنجي اسلوب ۾، پنهنجي Aproach ۾ ۽ پنهنجي wisdom ۾ ٻين کان نرالا ٿي ٻيهندا آهن. اسان جو هي دوست، ستار سروهي،جيڪو گذريل 20 سالن کان سنڌي ادب ۾ صحافت جي مورچي تي ٻيهي حالتن آڏو هٿيار ڦِٽي ڪرڻ بدران مسلسل سنڌ جو ڪيس وڙهي رهيو آهي.ستار سروهي جي شاعري جو هي ٻيو مجموعو "باغي منهنجو روح ازل کان" اسان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو نثري نظمن تي مشتمل آهي ۽ ان کان اڳ سندس ٻه ريون شعري مجموعو "يادگيرين جو ڪفن" 2016ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. جنهن ۾ غزل، وايون ۽ هائيڪا شامل هئا.

پياري ستار سروهي سان منهنجي "چار چشمي" ڪا گهٽي پراٽي ناهي پر الاءِ ڇو 2019ع ۾ جڏهن ساٽس پهرين ملاقات ٿي تہ هي مونکي پنهنجو لڳوامونکي تمام گهٽ ماڻهو پنهنجا لڳندا آهن، ڇو تہ پنهنجو فقط انهن کي ئي چئي سگهجي ٿو جن سان جڏهن پاڪر پائي ملجي تہ ان وقت ٻن دلين جي وچ ۾ پنهنجائپ واري هڪ خاص ڪشش محسوس ٿئي ۽ وري جڏهن اهڙن پيارن ماڻهن سان گڏ ويهي ڪچهري ڪجي تہ روح سان روح ائين رلجي ويجي، جيئن ٻِتائي چيو تہ "هئا اڇهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٽيا". مونکي ستار نہ رڳو پهرين ملاقات ۾ ائين لڳو پر ايا تائين ٻہ اهڙو ئي آهي. شال دوستي جو هي ساٿ سدائين ائين ئي سلامت رهي.

ستار جا نثري نظم سنڌ ڏرتيءَ جي متيءَ مان ڦهيل اهڙن پکن ۽ ڳاڙهن ڳٽول گهَڙن جهڙا آهن،جيڪي جون جي نٿهڻ اُس ۾ ٻہ ٽڏي پاٽيءَ سان لکين اُجايل سنڌ واسين جي نہ رڳو اُڄ اجهائين ٿا، پر سندن اندر ٻہ ناري ٿا ڇڏين.غلام قومن جا باغي شاعر پنهنجي شاعري ذريعي پنهنجي قوم جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جا نہ رڳو درد، سور، عذاب ۽ اذيتون بيان ڪندا آهن پر کين ڳچيءَ ۾ پيل غلامي جا ڳٽَ ٽوڙي

آزادي حاصل ڪرڻ جا ڏَسَ بہ ڏينداآهن. ۽ اهو ڪم ستار سروهي پنهنجي نثري نظمن ذريعي ڪيو آهي.

اچو تہ هيٺ ستار سروهي جي ڪجهہ نثري نظمن جو فڪري ڇيڊ ڪيون ٿا ۽ ڏسون ٿا تہ هو نثري نظمن جي ميدان ۾ ڪيئن سگهارو ۽ نرالو ٽي ٻينو آهي. مان جڏهن ڪتاب ۾ شامل سندس بہ شروعاتي نثري نظم "اسان وٽ" ۽ "وعدن جو ٻوڙ" پڙهان ٿو تہ دنگ رهجي ٿو وڃان تہ ڪيئن نہ شاعر سندّ جي سمورين حالتن (جن جي نتيجي ۾ اسان اڄ بہ محرومين جي گهيري ۾ آهيون) جو تجزيو انهن نظمن ۾ پيش ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن هو " اسان وٽ" نظم اهو چوي ٿو تہ:

اسان وٽ

پير بي اولادا ٽي مري ويندا آهن،
۽ ماڻهو پيرن کان پُٽ پنندا آهن.

۽ "وعدن جو ٻوڙ" نظم ۾ چوي ٿو تہ:

"سياڻي اليڪشن آهي،
اسان ساڃين ماڻهن کي ووٽ ڏئي،
پنهنجو پاڻ کي،
گهروڙي ٻُجو ڏينداسين."

استيتسکو کي للکارڻ جي جرئت ڪو وطن دوست ۽ سورهيہ انسان ئي ڪري سگهي ٿو ۽ ستار سروهي اهو ڪم وڏي دليريءَ سان انوکي علامتي اظهار ذريعي ڪيو آهي. هن ئي نظم ۾ هو "سُڪل درياهہ" جي ڳالهہ ڪري درياهہ جو درد بہ بيان ڪري ويو آهي.

ستار پنهنجي پهرين ٻنهي نثري نظمن ۾ تجريديت سان سامهون آيو آهي ۽ هن زبردست علامتي اظهار سان سندّ جو نوحو پيش ڪيو آهي، جڏهن چوي ٿو تہ "گڏهہ اليڪشن وڙهندا آهن"، "ڪامورا رت

پيئندا آهن" يا " سپ حوال ڪٽيندا آهن، جن کي گاريون ڏيندا آهن، تن کي ووٽ ڏيندا آهن."

ستار سروهي جي پهرين نظم مان ئي ان جو احاطو ڪرڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي ٿئي ته اسان جو هي دوست نوجوان شاعرن جي سُنگ ۾ پنهنجي ائپروچ ۽ فڪري سگهه سان ڪٿي ٻيئل آهي؟. هن وٽ احتجاج ڪرڻ جو ڪيڏو نه حسين اظهاري رستو آهي ۽ هن جا لفظ جمود جو شڪار سياستدانن، پيرن ۽ فردسوه سياسي سماج جي حامي ووٽرن کي ڪيئن نه پالا بڌجي لڳا هوندا!. تڏهن ئي ته چوندا آهي ته "قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور" آهي. ستار جا مٿيان ابتدائي نظم ئي تلوارن ۽ توپن کان وڌيڪ پنهنجو اثر ڇڏيندي نظر اچن ٿا.

هڪ پورهيت جي حالتن جو عڪس پلا ان کان وڌيڪ ڪهڙو پسائي سگهجي ٿو. جيئن ستار لکيو آهي ته:

"بابو هَرُ ڪاهيندو آهي
امان رِليون سِبندي آهي
سِج لهندو آ
سِج چڙهندو آ."

مٿئين نثري نظم ذريعي ستار اهو ٻڌائڻ چاهي ٿو ته ڪيترائي سِجَ اُپري لهي ويا. اسان جي پورهيت جي زندگي اها ئي جندَ جي ٻن پُڙن ۾ پسيجي رهي آهي ۽ ان جي زندگي اڄ به تبديل نه ٿي سگهي آهي.

ستار سروهي جا ٻي نثري نظم "سنڌ پرست جو لاش"، "او سامراج! ۽ "خط" ڪنيي گم ڪيل سنڌ جي هيروز جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. جيتوڻيڪ سنڌ اندر هن اشوءَ تي تمام گهڻو لکجي چڪو آهي ۽ لِکجي به پيو پر ستار سروهي وٽ هن موضوع تي نرالو اظهار ملي ٿو. جڏهن هو هڪ جوڌي جي ونيءَ جي هن پيغام کي عام ڪري ٿو:

"اي منهنجا محبوب!
سنڌڙي تي وارجي ويجانءِ
تنهنجو لاش

منهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ تنهنجي پُٽ لاءِ
نئين صبح جي نويد کڻي ايندو."

ستار سروهي جي شاعري ۾ عالمي امن جو پيغام ملي ٿو ، جڏهن هو ائٽم بم ناهيندڙ انسان کي اهو احساس ڏيارڻ جي کوشش ڪري ٿو ته "تنهنجي ايجاد دنيا ۾ تباهي کانسواءِ ڪجھ بہ ناهي ڏنو. هاڻي ڪيترا بہ امن جا نوبل انعام ڏيندين، توتان اهو داغ نہ لهندو."

ستار سروهي چاکاڻ ته هڪ نبض شناس جيان سنڌ جي سماج تي گهري نظر رکي وينل آهي، ان ڪري هن جي شاعري مان ان جي تِکي مشاهدي ۽ محسوس ڪرڻ جي طاقتور حِس جو پرتوو بہ نظر اچي ٿو. مذهب جي نالي تي ٿيندڙ جُنيون، درگاهن جو ماحول ۽ تصوف جي پيغام سان ٿيندڙ هٿ چراند هن کي لکڻ تي مجبور ڪري ٿي. تڏهن ئي هي لکي ٿو ته:

"روز رات جو
لطيف جو روح
نڪري ويندو آهي ٻاهر
ڪجھ گهڙيون ساهہ کڻڻ لاءِ"
لطيف سوچيندو آهي ته:
مون هِنن لاءِ پئي بيت لکيا.!"

"تهذيب" نثري نظم ۾ ستار سروهي اهو پيغام ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي ته رڳو پنهنجي تهذيب تي ٻڌاڪون هڻڻ بدران اسان کي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي نئين سر جيئارڻ لاءِ جستجو بہ ڪرڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ سڪٽيون "بغليون" هڻڻ سان ڪجھ نہ ورندو. دنيا اسان کان گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي.

ڪنهن بہ شاعر جو اهو ڪمال هوندو آهي ته هو ڪهڙن مسئلن تي ڪيئن ٿو قلم کڻي؟ هن وٽ فڪر جي اڏام ڪيتري گهري ۽ ڪيتري اُوچي آهي؟. ستار سروهي جو هي ڪتاب کولينڊو ٿو وجان

ته سندس هر نثري نظم مونکي اڳئين کان وڌيڪ متاثر ڪري رهيو آهي. هر نثري نظم ۾ هڪ ڏار فلسفو ۽ هڪ ڏار اظهاري پنڌ پيڇرو ستار سروهي جي اڏام کي اوچو ڪري پيهاري ٿو.

ستار سروهي وٽ جيترو قومي فڪر ۽ قومي مسئلن جو اظهار نمايان ۽ سگهارو ملي ٿو. اوترو ئي سندس رومانويت جو اظهار به پنهنجي ذات ۾ هڪ الڳ مقام رکي ٿو. جيئن هو چوي ٿو ته:

اڄ
منهنجي ننڊ جي
پهرين ورسي آهي
سال ٿي ويو آهي
تنهنجي وڇوڙ کي
جڏهن کان تون رُني آهين
اکين خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن

هينيان نثري نظم پڙهندڙن لاءِ جيئن جو تئين پيش ڪجن ٿا ته جيئن مون جيان اهي به ستار جي هن حسين تخيل مان حِظ ماڻي سگهن.

شوخ ۽ چنچل ڇوڪريون
عشق جي پنڌ ۾
يونيورسٽي جي
وَرَ وَڪَڙ رستن تي
پنهنجا خواب وڃائي ويهنديون آهن
۽ پوءِ
سڃي ڄمار
زندگيءَ جي رِڻَ ۾
اڪيليون رُلنديون آهن

❖❖❖

اکيون
اهي آکيرا آهن
جتي
سِج لٿي جو خوابَ
پکين جي وَلرن جيان لهندا آهن
ءِ صبح جو
نين ساڀيائن جي تلاش ۾
نڪري ويندا آهن.

❖❖❖

منهنجا اوجاڳا
وفائون
رولاکيون
چاهتون ءِ پاڪُر
پنهنجي پرس ۾ وجهي
هوءَ!
الاءِ ڪيڏانهن هلي وئي!

❖❖❖

خواب ڪڏهن بہ پوڙها ناهن ٿيندا

اڄ هوءَ
ان ئي موڙ تي ملي وئي
جتان
20سال اڳ وڇڙي هئي مونکان
موڙُ بہ ساڳيو
موهُ بہ ساڳيو

سندءِ اکين مان
طويل اوجاڳو
جهَلڪي رهيو هو
ءِ منهنجي اکين مان پاڻي
هوءَ هڪ خواب هئي
ءِ خواب ڪڏهن بہ پوڙها ناهن ٿيندا

❖❖❖

خوابن جا برٿ سرٽيفڪيٽ

خوابن جا
برٿ سرٽيفڪيٽ ناهن ٿيندا
ءِ نندا!
طويل اوجاڳن جي ڪُکِ مان
جنم وٺندي آهي
اوجاڳا وري
محبت جي طويل مسافري بنا
ناهن ملندا
تون پڇين ٿو تہ
محبت مونکي ڇا ڏنو آهہ؟
هيءُ ڏِس!
اکين جي آکيري ۾
ورهين کان اوجاڳيل
چورا ڇنا خواب!
اڄ بہ منهنجي ننڊ
خوابن جا ٻچا ڄڻي رهي آهي

۽ مان!
ساڻيائن جي تلاش ۾ نڪتل آهيان!

❖❖❖

اکيون

اکيون
حسين خوابن جون....
هاستلون لڳنديون آهن
اهڙيون ئي هاستلون....
جتي يونيورسٽين جا ڇوڙا
ڏگريون وٺڻ کانپوءِ
پنهنجون نندون رکي ويندا آهن
جن جون محبوبائون
سندن اکين ۾ اوجاڳا ٽنگي
پکين جيان اُڏامي ويندیون آهن.

ستار سروهي پنهنجي نثري نظمن ذريعي حالتن ۽ جمود جا سمورا زنجير ٽوڙڻ جي کوششن ۾ مصروف نظر اچي ٿو. هيٺيون نظم سندس کيفيتن جو مظهر آهي.

نہ صوفي آهيان
نہ سرمست
مان اڄ جو انسان آهيان
چاهيان ٿو آزادي
سوچ جي
تحرير جي

ستار جا ٻيا نثري نظم "وچن کر"، "چري"، "شڪاري"، "ٽرياڻيءَ جو درد"، "غدار"، "مرشد"، "فقيرياڻي"، "ڪُتي جو پُڇ"، "وڏيرو" "سچ"

"پوڙهو مڙس"، "حاصلات"، "اڏڻوت ڪنواري جو درد" ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي نثري نظم سندس ڪمال جي مشاهداتي سگهه کي ظاهر ڪن ٿا. ائين لڳي ٿو ته ستار پنهنجا نثري نظم قومي فرض سمجهي لکيا آهن ۽ سندس باغي روح ۾ مون سميت سنڌ جي سمورن سڃاڻ ساڻين جون اميدون آهن ته سندس قلم جي قلب منجهان سنڌي قوم کي هميشہ اهڙا ئي باغي نظم نصيب ٿيندا رهندا، جن سان اڄتي هلي سموري سنڌ ۾ڪا برهہ جي باهہ ٻاري سگهجي ٿي.

ستار سروهي جي شاعري "وقت جي پُڪار" آهي. هڪ انوکو احتجاج آهي. هڪ سجاگيءَ جو سڏ آهي. هڪ اعلان آهي جنگ جو. پنهنجو پاڻ سان،پنهنجي ڪمزورين سان، پنهنجي اندر سان ۽ پنهنجي دشمن سان...ستار جي شاعري ۾ هڪ پيغام آهي مزاحمت ڪرڻ جو. سوچڻ جو. اُٿي اڄتي وڏڻ جو ۽ دنيا سان مقابلو ڪري ان سان گڏ ٻيهڻ جو. هن وٽ سائنسي تقاضائن سان گڏ هلڻ جو فلسفو ٻه آهي ته پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ قلم ذريعي مسلسل وڙهڻ جو سڏ ٻه. مان اميد ڪريان ٿو ته اسان جو هي نوجوان دوست ۽ ان جو هي نثري نظمن جو ڪتاب سنڌ جي شهڪار نثري نظمن جي ڪتابن ۾ شمار ٿيندو. يقين سان چوان ٿو ته ستار سروهي جا نثري نظم سنڌ جي نظيمہ تاريخ ۾ پنهنجي نمايان حيثيت سان نمايان ٿي ٻيهندا ۽ وقت ساڻس انصاف ضرور ڪندو.

زاهد شيخ
ڪراچي سنڌ
03_01_2020

سماج جي ڪرب جي شاعري

شاعري جيڪڏهن بگڙيل سماجن جو آئينو نه آهي ته اها شاعري حقيقي نمائندگي ڪندڙ شاعري نه آهي، اها صرف ڪن رس واري شاعري آهي ۽ ڪن رس يا من رس واري شاعري سماج جي اذيتن جي اظهار بنا بي معنيٰ آهي. انساني زندگي ۾ ڪيترائي پهلو آهن،جيڪي داخليت کان وڌيڪ خارجيت سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ انسان جي سموري خارجيت آس پاس جي ماحول جو عڪس آهي، ان ڪري شاعري روح کي گرمائڻ سان گڏوگڏ سماجي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جو نالو به آهي.

اڄ اسان وٽ دنيا جا بهترين شاعر محمود درويش، پئبلو نيرودا، ناظم حڪمت کان ويندي فيض احمد فيض تائين سمورا خارجي حقيقتن يا دور جي مسئلن جي نمائنده شاعرن طور ليکيا ۽ مڃيا وڃن ٿا. ان ڪري اها شاعري زنده به رهي ٿي ته مظلومن جي زخمن تي پَهَا رکڻ جي به ڪم اچي ٿي. هي سموري تمهيد ان ڪري آهي جو پياري دوست ستار سروهي جي شاعري جي هن مجموعي "باغي منهنجو روح ازل کان" جي شاعري ئي اهڙي آهي، جنهن جو سڌو سنئون واسطو سماجي مسئلن سان آهي. آئون سندس شاعري جي حوالي سان وڌيون دعوائون ته ڪونه ڪندس پر ايترو ضرور چوندس ته ستار جي هي شاعري سندس اندر مان ڦُٽي نڪتل آهي، ان جو ثبوت اوهان کي هن مجموعي جي پهرين نثري نظم مان ئي ملي ويندو، جنهن جو عنوان آهي "اسان وٽ". ان نظم مونکي شروعات کان ڇرڪائي رکيو آهي، جيئن ستار لکي ٿو ته:

امير پنندا آهن
غريب خيرات ڏيندا آهن
ڪامورا رَتُ پيئندا آهن

مَچَرَ بُک مرندا آهن

سماج جي بيهڪ جي هڏي پيانڪ تصوير ڏسي/پڙهي ماڻهو واهه وا ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي، ڇو ته اهائي اسان جي سماج جي حقيقت آهي، جنهن کي شاعر پنهنجي شاعري ذريعي تنقيد جو نشانو بڻائي اصلاح جي ڳالهه ڪري ٿو. شاعري مهذبپڻي جو هڪڙو اظهاري ذريعو آهي، جيڪو روين کي سماج جي ڪتهڙي ۾ ڪٽي اڇي ٿو ته جيئن ان سماج جا فرد انهن روين کي درست ڪن ۽ ٻيا انهن روين مان ڪجهه سبق سکن.

ستار جي هن نثري نظمن جي مجموعي ۾ ڪيترائي اهڙا نظم آهن جيڪي سماج جي ڳرب کي بيان ڪن ٿا جن ۾ هڪڙي اڇوتي اظهار ذريعي سماجي حالتن جو اظهار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ "چندي جون پيتيون" جي عنوان سان ٻه نظم آهن، هڪ ۾ لطيف سائين جي درگاهه جي حوالي سان منظر ڪشي ڪيل آهي ته ٻي نثري نظم ۾ " ملان جي پيٽ" جي ڳالهه ڪيل آهي، جنهن ۾ خوبصورت نموني سان اظهاريل آهي ته پئسن جي ضرورت الله سائين کان وڌيڪ هن ڌرتي جي غريب ماڻهن کي آهي، جيڪي سماجي ڪسمپرسي ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. نه صرف سماجي ڏيوالپڻي کي هن مجموعي جو مک موضوع بڻايو ويو آهي پر ان سان گڏوگڏ اصلاحي رستا به ڏيکاريا ويا آهن، جهڙوڪ "تهذيب" نظم آهي، جنهن ۾ غيرت جو نئون ورزن ڏيکاريو ويو آهي، جهڙوڪ سمورن تهذيبن، ماڻڪن مڪانن تي فخر ڪري پنهنجن سان وڙهڻ يا مارڻ واري غيرت کان اڳتي وڌي سندڙ ڌرتي کي پنهنجي اصل تهذيبي عروج تائين پهچائڻ ئي اصل غيرت جي ڳالهه ڪيل آهي. جيڪو اڇوکي سماجي جو اهم نقطو آهي ۽ وقت جي اهم ضرورت به آهي. ان کان سواءِ به ڪيترائي نظم آهن، جيڪي بيان ڪري سگهجن ٿا، جنهن ۾ ستار پنهنجي ضمير ۽ شعور جي ذريعي زوردار فڪري پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ستار سروهي اسان جي ٿهيءَ جو انتهائي ميچوئر نوجوان آهي، جيڪو سماج جي مختلف شعبن سان وابستہ رهڻ ڪري گهڻو ڪجهہ سکيو ۽ پرايو آهي جنهن ۾ يونيورسٽي جي ماحول کان ويندي صحافت تائين، صحافت کان ادب تائين ۽ تعليم سان وابستگي سبب ڪيترن ئي هنڌن تان هن سماج کي ويجهو کان ڏٺو آهي ۽ سدائين مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي. سندڙ جو شعور ههڙن نوجوانن جي ڪري فخر ڪري سگهي ٿو. پر اصل فيصلا تہ اڪثريتي راءِ يعني ووٽ سان ٿيندو آهي، جنهن ڪري ههڙن نوجوانن جون ڪوششون ظاهري طرح رنگ نہ لائي سگهنديون آهن، نتيجي ۾ ان ڪري سماج ڪسمپرسي ۾ رهي ٿو. ستار جي نثري نظم "اسان وٽ" جون آخري ستون انتهائي معنيٰ خيز آهن:

سڀ حوال ڪٽيندا آهن،
جن کي گاريون ڏيندا آهن،
تن کي ووٽ ڏيندا آهن.

آئون سمجهان ٿو هن کان وڌيڪ ڪا سماجي ڳَرب جو ٻيو طاقتور اظهار ناهي جيڪو معاشري کي ڏيئي سگهجي. ستار جو هي ٻيو شاعري جو مجموعو آهي. هو تحقيق اسڪالر هجڻ سان گڏ هڪ بهترين تخليقي ذهن بہ آهي. کيس هن ڪتاب جو واڌايون هجن.

ڈاڪٽر مبارڪ لاشاري

ڄامشورو

08_01_2020

پهڳڻو ماڻهو پهڳڻو شاعر

سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز چيو هو ته " هر ماڻهو شاعر نه هوندو آهي پر هر شاعر ماڻهو ضرور هوندو آهي" ۽ اهو به تاريخ جو مڃيل سچ آهي ته لکڻهارو جنهن به سماج ۾ رهندو آهي ته انهيءَ ئي سماج کان سکندو آهي ۽ اهو ئي ڏيندو آهي، جيڪو سماج ۾ ڏسندو آهي يا سماج کيس ڏيندو آهي. لِکڻهارو پنهنجون اندريون ۽ باهريون ڪيفيتون بيان ڪندو آهي. ساڳي سماج ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جون حالتون ساڳيون هونديون آهن، تنهن ڪري تخليقڪار جي بيانيل ٻنهي ڪيفيتن کي هر ماڻهو پاڻ سان سلهاڙيل سمجهندو آهي ۽ نه رڳو ان کي قبول ڪندو آهي پر ائين محسوس ڪندو آهي ته اها ڳالهه ته منهنجي آهي.

ستار سروهي به سرجڻهار آهي، ان کان اڳ ۾ هن هڪ ڪتاب " يادگيرين جو ڪفن" ڏنو آهي. ستار پنهنجي سياڻ ۾ ڏاڍو سُلجهڻو ۽ سيني رشتن ناتن سان نيائيندڙ ٻَهڳڻو ماڻهو آهي. سندس شاعري جو جلد ئي ٻيو ڪتاب اچي رهيو آهي، ان مان سندس لکڻ جي رفتار به تيز معلوم ٿئي ٿي.

ڪنهن ڏاهي چيو هو ته "جنهن لکڻيءَ ۾ ڏرتي ۽ ڏرتيءَ واسين سان محبت جو اظهار ناهي هوندو،ان لکڻيءَ ۽ طوائفا جي مُرڪ ۾ ڪو به فرق ناهي هوندو".ستار هن سُڪاري سنڌ جي ڏکارن ماڻهن سان تمام ويجهو رهي ٿو. تنهن ڪري ڏرتي، تهذيب، ثقافت ۽ هينئن هاريل، ڏنل، وسوڙيل، پيڙيل، هيسيل ۽ ڏُکارن ماڻهن جي ڳالهه ڪري ٿو.پنهنجن سان پيار سندس لکڻين ۾ چٽو نظر اچي ٿو. هي طبقاتي ۽ اٽبرابر سماج سان مڪمل احتجاج ڪري ٿو. هيٺن ، مجبورن ۽ بي پهچ ماڻهن جو پاسدار ۽ طرفدار نظر اچي ٿو.

ستار سروهي جي نثري نظمن جي ڪتاب "باغي منهنجو روح ازل کان" ۾نظمن جا عنوان پڻ پرڪشش آهن. مان پراميد آهيان ته ستار پنهنجي شاعراڻي مزاج ۾ پنهنجون ڏِسائون، گَسَ، پنڌَ، پيچرا ۽ پير به پنهنجا تخليق ڪري پنهنجي سهڻي سرجڻهار جي حيثيت ۾ سچاڻپ ٿاهي ونڏندو. هونئن به جيڪي تخليقڪار بڻبا آهن. اهي تمام گهڻو زندهه رهندا آهن.

ٻارهين صدي قبل مسيح ۾ مصري لکڻي هينئن آهي ته:

"اهي ليکڪ جيڪي ديوتائن کان پوءِ ڄاوا، اهي پنهنجي اُڪريل پٿرن ۽ ڪانن جي قلمن کي اولاد کان وڌيڪ پائيندا هئا. جيتوڻيڪ هاڻي اهي جيئرا ناهن، پر سندن لکڻيون، ماڻهو هينئر ۽ يادڪن ٿا. تنهن ڪري ياد رکو تہ ڪو ڪتاب ڪنهن عاليشان مقبري کان وڌيڪ اثر رکي ٿو."

مونکي پڪ آهي تہ ستار جو هي ڪتاب ڪنهن عاليشان مقبري کان مٿانهون اثر رکندو.

"مون مرکي پنهنجو پاند ڏنو
رُتُ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي."

نذير سروهي
گمبٽ
06_01_2020

هڪ نيلسوف شاعر

ستار سروهيءَ کي پنهنجي گهر ۾ فقير عبدالحق جو راڳ ۽ وڏي ڀاءُ عبدالرزاق سروهيءَ جو علم، ادب ۽ صحافت ورثي ۾ ملي مگر هن حساسيت، حوصلو ۽ اظهار ڪرڻ جو ڏاڻ محنت، مطالعي ۽ مشاهدي ذريعي سماج منجهان سکيو آهي.

ستار عالمگير سوچ جو سهارو ونڊي هڪ خاص مقصد يعني پنهجي ڌرتيءَ تي "سکيو سماج" اڏڻ لاءِ شاعريءَ جو گس چونڊيو. سندس قلمي پورهئي جو نتيجو سندس پهريون شعري مجموعو "يادگيرين جو ڪفن" سماج کي مليو ۽ هينئر وري سندس نثري نظمن جي محنت "باغي منهنجو روح ازل کان" اسان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سندس خيال ۽ صنفون مَٽَ آهن پر سماج لاءِ سندس سوچ ۽ مقصد ساڳيو آهي.

ستار پنهنجي هن ڪتاب ۾ نت نوان ۽ جديد خيال ڪٽي آيو آهي. مثال طور: ستار وٽ "آسمان جا تارا" نثري نظم ۾ عشق ۽ آزاديءَ جو هوڪو ڏيندي ڳٽن جي ڇُگهن جو قسم کڻڻ واري علامت جديد ۽ مثالي آهي۔"سکڻي ڪني" واري نثري نظم ۾ سکڻي ڪني ۽ ڏوئي جي موسيقي تي لوري ڏئي ننڊ ڪرائڻ وارو خيال جولس فيوچڪ جي جيل ۾ زنجيرن ذريعي موسيقي ٻڌائڻ واري خيال کان بنه مختلف ۽ مٿاهون آهي.

"سنڌ پرست جو لاش" واري نثري نظم ۾ "دل ڏاري روئيندڙ ماڻهو سنڌ دشمن تي وڏو لعنتاٽو آهن" جو خيال عجيب احتجاجي ڏس ڏانهن اشارو آهي. "پورهيت" نثري نظم ۾ "سندس پگهار جي عمر هڪ ڏينهن مس آهي" واري سِتَ ۾ پورهيت جي درد جو فلسفو نوحي جي صورت ۾ موجود آهي. "خط" نثري نظم ۾ چوڙيون پيڃڻ واري ورجاءَ سان گڏ لَڄَ کي ڪارو لباس اوڍائڻ وارو خيال جديد هجڻ سان گڏ ڏهن ڏوڏيندڙ پڻ آهي.

هڪ نثري نظم کي "چندي جون پيتيون" جو عنوان ڏيڻ جرئت ۽ بهادريءَ وارو قدم هجڻ سان گڏ ان نظم ۾ "چندا پيتيون پرڻ بدران غريبن جو پيٽ پرڻ" وارو خيال صلاح جي صورت ۾ اهڙو احتجاج ۽ صلاح آهي جيڪو دانهن نڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو.

"ها! مان باغي آهيان" نثري نظم ۾ سوچ جو رسا ڇنائڻ ۽ روح کي باغي ٻڌائڻ واري تصور ۾ ب ستار سروهيءَ جو پيش ڪرڻ جو انداز ساراهه جوڳو آهي.

"منهنجا نظم" ۾ "مون کان منهنجا نظم وٺ مون کي ماني ڏي" جهڙيون ستون سماج جي رڙ ۽ ڪامريڊ مارڪس جي داس ڪيپٽل جي منشور جي جدوجهد آهن. ستار هن نظم جي آخر ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي درد جي تاريخي ڪٿا هينئن بيان ڪري ٿو "نہ ڪير منهنجا نظم ٿو ونڊي ۽ نہ ڪير ماني ٿو ڏي" سندس هي سِتَ رياست جي چهري تي چماٽ جو عڪس آهي. "قلم" نثري نظم ۾ "قلم وڪڻڻ وارا پنهنجو پاڻ سان ريپ ڪن ٿا" ويڪائو خليقڪارن جو گريبان پڪڑڻ ۽ سندن منهن تي ڪارنهن ملڻ وارو خيال آهي. "او سامراج" نثري نظم ۾ "کدڙن جو ڪڙم" اٽجهل عورتن لاءِ ڀيروئن جا جوان راندڪا" واريون فيلسوف علامتون فخر ڪرڻ جهڙيون آهن.

"ڪاري تنهنجي سوچ" نثري نظم ۾ ڪاري ڪري عورت کي ڪُهندڙ کي للڪار ۽ عورت کي اڇي سمجهڻ جو درس آهي. "اي عشق" نثري نظم ۾ "اي عشق مان سائنس ٿو پڙهڻ چاهيان. مان ايڪيهين صديءَ جو نوجوان آهيان. مون کي سائنسي دور ۾ ساهه کڻڻ ڏي، دنيا ڏسڻ ڏي" هڪ جديد خيال آهي. شاعر جو اهو خيال سڄي دنيا ۽ نوجوانن جي ضرورت آهي. ستار جي سوچ مان پتو پوي ٿو تہ هو ڪهڙي قسم جو سماج اڏڻ جي جاکوڙ ۾ آهي.

"پوتار" نثري نظم ۾ هولکي ٿو تہ:

"اليڪشني پوتار

۽

ڪُتي جي پڇ ۾

ڪو بہ فرق ناهي

هِنَ کان تہ

رَندي پلي آهي

گهٽ ۾ گهٽ

ديس تہ نہ ٽي وڪڻي."

هن نظم ۾ خطرناڪ تشبيهه سان گڏ اهڙو سچ آهي جنهن لاءِ حوصلو ۽ سَگهه گهرجي، جيڪا شاعر ۾ موجود نظر اچي ٿي.

"وڏيرو" نثري نظم ۾ وڏيري کي سچ چوڻ جو انوکو علامتي انداز آهي، جنهن ۾ ستار وڏيري کي خبردار ڪري ٿو ته "وقت جي انتقام کي ٻيو وري ڳَنَ ٿيندا آهن." ستار سروهي وٽ "فقيرياٽي" نثري نظم ۾ ڪمال جو فلسفياڻو خيال آهي:

"اي فقيرياٽي!
تنهنجو ميرو چهرو
شهر جي سفيد پوش جو
پٽڪو لاهڻ لاءِ ڪافي آهي.

"برانڊ" نثري نظم ۾ غلط ڪاريون ڪرڻ وارن کي وائکو ڪيو ويو آهي. "عجب اضطراب" نثري نظم ۾ سماج جي سُورن جون عالمگير چيخون ۽ شاهه جي سورمين جا سڏڪا ۽ رڙيون آهن. "تهذيب" نثري نظم ۾ ماضيءَ تي فخر ڪرڻ کان حال کي بهتر ڪرڻ جي صلاح دانهن ۽ سڏ وارو انداز ستار جو ڏنل نئون سماجي موڙ آهي. "بي غيرتي" نثري نظم ۾ مرداٽي سماج کي اها هڪ گار آهي ته "بيغيرتيءَ کي پلا ٻيو سِڱ ٿيندا آهن"!؟ "بازار" نثري نظم ۾ چوندڙ واري ماحول مطابق حق استعمال ڪرڻ جو چتاءُ مفاد پرست ماڻهن جي ننڊ حرام ڪرڻ وانگر آهي. "چري" نثري نظم ۾ چريءَ جي چوليءَ کي شهر جي چوڪرن هٿان داغدار ڪرڻ کي چنڊ سان تشبيهه ڏيڻ ۽ ٻيو وري ائين چوڻ ته "بس رڳو هن جو پيٽ ٻاهر نڪري آيو آهي" هڪ اهڙو فلسفو آهي، جنهن ۾ سماجي سُور جو پڙاڏو آهي.

"ملامت" نثري نظم ۾ "ديس ڪتن جي چڪ ۾ آهي" علامتي نفرت ۽ احتجاج جو اظهار آهي. ستار هڪ وطن پرست شاعر آهي،جنهن جي هر موضوع جو محسوس سنڌ وطن ۽ ان جا ماڻهو آهن."اودولابي" نثري نظم ۾ غدار ۽ ڏارين لاءِ "مَنَ ۾ چَڪلي" وارو تصور لفظن جي مار ۽ سزا آهي- هن جي نثري نظم "الاءِ چو؟!" ۾ هي اظهار به پنهنجو مَتُ پاڻ آهي.

"الاءِ چو
زوريءَ پرٽايل نارين جا
نڪاح ناما
مون کي زنا جا،
پرمٽ سرٽيفڪيٽ لڳندا آهن."

ستار جون اهي ستون سماج جي تاريخ ۾ جهاتي پائڻ جي جنبش آهن. اهڙي ريت وٽس عالمي سوچ جو اولڙو هيٺين نثري نظم ۾ پسي سگهجي ٿو. "اي الفرد" عنوان واري نثري نظم "امن جا نوبل انعام توتان اهي داغ ڪڏهن به لاهي نه سگهندا" واري ڳالهه بارود مٽان زندگي بسر ڪندڙ ماڻهن جو احتجاج آهي. ستار سروهيءَ جي نثري نظمن ۾ طاقتور سنيها، جرئت، حوصلا، احتجاج ۽ سهٽا سپنا آهن، البت کيس لفظن جي چونڊ تي ٿورو ڏيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

ساھ شيخ
گمبٽ

اسان وٽ

اسان وٽ
گڏهه اليڪشن وڙهندا آهن
ڍڳا نعرا هڻندا آهن
چهرا وڏين ڪرسين تي ويهندا آهن
اسان وٽ
امير پنندا آهن
غريب خيرات ڏيندا آهن
ڏوهاري آزاد گهمندا آهن
بيگناهه جيلن ۾ سڙندا آهن
اسان وٽ
ڪامورا رت پيئندا آهن
مڇر ٻُک مرندا آهن
پير بي اولاد ٿي مري ويندا آهن
ماڻهو پيرن کان پُٽ پنندا آهن
اسان وٽ
چور ساڌ سڏبا آهن
ساڌ لڪندا وتندا آهن
ڍگرين وارا رڳو انترويو ڏيندا آهن
وڏيرن جا جَتَ پُٽ عهدا ماڻيندا آهن
اسان وٽ
سچ حوال ڪتيندا آهن
جن کي گاريون ڏيندا آهن
تن کي ووٽ ڏيندا آهن.

❑

وعدن جو ٻوڙ

هر گھر ۾
وعدن جو ٻوڙ رِڌل آهي
گڏهه اليڪشن مهم تي نڪتل آهن
دهلن تي دوسو نچي رهيا آهن
جهوپڙين ۾ پورهيت جا ٻار
ٻُک ۾ ڇِنگهي رهيا آهن
مان سُڪل درياءَ جي ڪناري تي ويهي
ورهين کان
باغي نظم سِرجي رهيو آهيان
سياڻي اليڪشن آهي
ساڳين ماڻهن کي ووٽ ڏئي
اسان پنهنجو پاڻ کي
گهَروڙي ٻُجو ڏيندا سين.

❑

منهنجي محبت

منهجي محبت
ڪو بيروزگاري الائونس ناهي
تو جهڙي سُجي سان
زندگي گذاري نہ ٿي سگهان
تنهنجو پيار مونکي پِنائيندو.
مڃان ٿي
تون سُهڻو آهين
تون سُنو آهين
مونکي بي انتها چاهين ٿو
پر
تنهنجي ڪيسي جي گهِٽي
سوڙهي آهي
مان تنهنجي گهر تائين نہ ٿي هلي سگهان
اڄ ڪانپوءِ،
مونسان نہ ملندو ڪر.

❑

روزو

اکيون خواب ڏسنديون آهن
امان رليون سِبندي آ
بابو هَرُ ڪاهيندو آ
سج لهندو آ
ءِ سج چڙهندو آ
ڏينهن ڏِگها ٿيندا آهن
صدين کان بکيو آهيان
ملان مري ويو آ
نہ ڪنهن آذان ڏني آ
نہ مون روزو کوليو آ.

❑

پورهيت

هُن جا ٻار
روز رات جو
تارا ڳڻي ننڊ ڪندا آهن
هُن جي زال
آسرن جي ڪُني پچائيندي آهي
ءِ هو پاڻ،
سيٺ جي گهر جي ماني پچائيندو آهي
سندس پگهار جي عمر
هڪ ڏينهن مس آهي
عيدون هنن لاءِ
حسرت ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهن
سرڪاري اسپتالن مان دوائون چوري ٿين ٿيون
پورهيت جو بيمار ٻار تڙپي تڙپي مري ٿو
ايمبولينس منسٽر جي گهر جو پاڻي ڏوئڻ ۾ پوري آهي
ماڻهوءَ جو مُلهہ
ماکوڙي جيترو بہ ڪونهي.

❑

ها! مان باغي آهيان

ازل کان منهنجو روح
آزادي چاهي ٿو
پر زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان مان
منهنجي سوچ
چنائڻ چاهي ٿي سڀ طوق
زنجيرن جا
منهنجو روح باغي آ ازل کان
چارڻ جي چَنگَ تي وڃان ٿو مان
نہ صوفي آهيان
نہ سرمست
مان اڄ جو انسان آهيان
چاهيان ٿو آزادي
سوچ جي
تحرير جي
ها! مان اڄ جو باغي آهيان
تُنهنجي مقابلي ۾ بيهڻ ٿو چاهيان
سڀ زنجير ٽوڙڻ ٿو چاهيان.

❑

کاري

ڳوٽُ
ڳوٽَ ۾ گهٽي
گهٽيءَ ۾ گهَر
گهَرَ ۾ اوندهه
اوندهه ۾ ٽَکاءُ
ٽکاءَ ۾ چيخ
هن پنهنجي زال
کاري ڪري ماري ڇڏي
هُو،
جيڪو پاڻ سڄو ڏينهن هوٽلن تي ويهي،
چورا تاڙيندو آهي.

❑

يونيورسٽي

شوخ ۽ چنچل چوڪريون
عشق جي پنڌ ۾
يونيورسٽيءَ جي
وَرَ وَڪڙ رستن تي
پنهنجا خواب وڃائي ويهنديون آهن
۽ پوءِ
سڃي ڄمار
زندگيءَ جي رِڻَ ۾
اڪيليون رُلنديون آهن

❑

اکيون

اکيون
اهي آکيرا آهن
جتي
سِج لٽي جو خوابَ
پکين جي وَلرن جيان لهندا آهن
ءِ صبح جو
نين ساڀيائن جي تلاش ۾
نڪري ويندا آهن.

❑

هوءَ

منهنجا اوجاڳا
وفائون
رولاکيون
چاهتون ۽ ياڪُر
پنهنجي پرس ۾ وجهي
هوءَ!
الاءِ کيڏانهن هلي وئي!

❑

خواب کڏهن بہ پوڙها ناهن ٿيندا

اڄ هوءَ
ان ئي موڙ تي ملي وئي
جتان
20 سال اڳ
وڇڙي هئي مونکان
موڙُ بہ ساڳيو
موهُ بہ ساڳيو
سندءِ اکين مان
طويل اوجاڳو
جهَلڪي رهيو هو
ءِ منهنجي اکين مان پاڻي
هوءَ هڪ خواب هئي
ءِ خواب کڏهن بہ پوڙها ناهن ٿيندا

❑

خوابن جا برٽ سرٽيفڪيٽ

خوابن جا
برٽ سرٽيفڪيٽ ناهن ٽيندا
ءِ نندا!
طويل اوجاڳن جي ڪُکِ مان
جنم وٺندي آهي
اوجاڳا وري
محبت جي طويل مسافري بنا
ناهن ملندا
تون پڇين ٿو تہ
محبت مونکي ڇا ڏنو آهہ؟
هيءُ ڏِس!
اکين جي آکيري ۾
ورهين کان اوجاڳيل
ڇورا ڇنا خواب!
اڄ بہ منهنجي ننڊ
خوابن جا ٻچا ڇٽي رهي آهي
ءِ مان!
ساڻيائن جي تلاش ۾ نڪتل آهيان!

❑

اکيون

اکيون
حسين خوابن جون....
هاستلون لڳندیون آهن
اهڙيون ئي هاستلون....
جتي يونيورسٽين جا ڇورا
ڊگريون وٺڻ کانپوءِ
پنهنجون نندون رکي ويندا آهن
جن جون محبوبائون
سندن اکين ۾ اوجاڳا ٽنگي
پکين جيان اُڏامي ويندیون آهن.

❑

خط

جڏهن کان تون ڪنيڇجي ويو آن
تنهنجي وني
روز تولاءِ ڪانگ اڏائي ٿي
تنهنجو موبائيل بہ بند آهي
هُن
سفيد ڪبوتر جي وات ۾
تو لاءِ هڪ خط وجهي موڪليو آهي
اهو ضرور پڙهجانءِ.
هن لکيو آهي:
اي منهنجا محبوب!
ڏرتي ماءُ سان ڪڏهن بہ دوکو نہ ڪجانءِ
مون پنهنجون چوڙيون پيچي ڇڏيون آهن
لڇ ڪي ڪارو لباس اوڍايو اٿم
اکين روئي رَڄُ ڪيو آهي
سڀ خواهشون ڳوڙهن جي سمنڊ ۾ لُڙهي ويون آهن.
اي منهنجا محبوب!
تون منهنجي ڳڻتي نہ ڪر

سنڌڙيءَ تي وارجي وڃجانءِ
تنهنجو لاش
منهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ تنهنجي پُٽَ لاءِ
نئين صبح جي نويد ڪٽي ايندو
مون کي منهنجي لڄَ جو قسم!
مان تنهنجي پٽ کي
رڳو ان لاءِ پالي تاتي وڏو ڪنديس تہ
هو بہ تو جيان
ڌرتيءَ جو دودو ٻڪجي
دشمن جا سينا چيري
ءِ
آزاديءَ جو پروانو ٻڪجي وڃي.

❑

سنڌ پرست جو لاش

اجرڪ جي ڪفن ۾ ويڙهيل
هُنَ جو لاش
هڪ ديش پيڄت جو آخري سفر آهي
هيءُ ماتم زده گهٽيون ۽ رستا
بهارن جا سُڌڪا
دل ڏاري روئيندڙ ماڻهو
سنڌ دشمنن تي وڏو لعنتاڻو آهن
اجرڪ جي ڪفن ۾ ويڙهيل
هي سنڌ پرست جو لاش
مَرڪي ۽ مُرڪي چوي ٿو:
نيٺ ته فتح اسان جي ٿيندي.

❑

آءُ نيِ!

او پدمڻي!
پنهنجي ڊگهن وارن کي
سَڃين ۾ قيد نہ ڪندي ڪر
هٿن کي ميندي هڻين تہ
لاهيندي نہ ڪر
ائين لڳندو آهي تہ
سورنهن ئي سينگار تنهنجا آهن
توکي ڏسي محسوس ٿيندو آ تہ
هيءَ ڪائنات تولاءِ ئي خلقي وئي آ
تون ننڍ ڪرين ٿي تہ جڻ
دنيا ننڍ ڪري ٿي
۽ تون جاڳين ٿي تہ
ڪائنات ٿي جاڳي.
او پدمڻي!
تنهنجي نخرن ۾
تنهنجي رُسامن ۾
عجيب لذت آ.
او پدمڻي!
هاڻي ڇڏ ڪڻي،
آءُ نيِ!.

❑

اي الفرد

تنهنجي ايجاد
دنيا کي اڄ بہ
تِياس تي تَنگي رکيو آهي
ناگاساکي ۽ هيروشيما جو روح
اڄ بہ رڙي رهيو آهي
دنيا ۾ جتي جتي بہ،
نفرت جو بِج پوکجي رهيو آهي
سياٽي لُٽبو بہ
ايندڙ نسل نہ جاڻ کيئي صديون
بارود جي ڍير تي گذاريندين
تنهنجا بم
اڄ بہ ڏهڪاءَ جي علامت بڻيل آهن
تنهنجا هي امن جا نوبل انعام
توتان اهو داغ کڏهن بہ لاهي نہ سگهندا.

❑

لطيف سان معذرت

چندي جون پيتيون
اوکارا ڏئي رهيون آهن
درگاهن تي اپوجهن جا انبوهہ
فرش تي ليتيل نارين جا
اڏ اگهاڙا وجود
حوسي ماڻهن جون ننگيون نظرون
"تمراٽي راڳ" تي ادائي ماڻهو
ءِ زناني ڪرتب تي پيهہ
ماڻهو درگاهہ جي احاطي ۾ پيل مِتيءَ کي
مقدر سمجهي پنهنجي وات ۾ وجهن ٿا
سڃو لقاءُ ڏسي
لطيف جو مٿو چڪرائجي ٿو وڃي
درگاهہ جي اڱڻ ۾
لطيف ائين ٿو ڊوڙون پائي
جيئن ببي حاجران "صفہ مروہ" تي ڊوڙي هئي
لطيف پُٽ ڏي
لطيف من جي مراد پوري ڪر
لطيف عرض اگهاءِ

لطيف جوڙيوال ڏي
ماڻهن جون صدائون ٻڌي
لطيف ڦاسي پيو آهي
هُوري وڃي چادر پائي
سمهي پوي ٿو
روز رات جو لطيف جو روح،
ڪي گهڙيون ساهه کڻڻ لاءِ،
نڪري ويندو آ ٻاهر،
لطيف سوچيندو آهي:
مون هِنن لاءِ پئي بيت لکيا!

❑

چندي جون پيتيون

مسجدن ۾ پيل
چندي جون پيتيون
مُلان جي پِيَ پرڻ لاءِ آهن
يا مولا!
توکان وڌيڪ پئسن جي ضرورت
انگ اگھاڙن ماڻھن کي آهي
پنھنجي ماڻھن کي اچي سمجھاءِ تہ
اُهي چندا پيتيون پرڻ بدران
غريبن جو پيٽ پرين.

❑

تهذيب

موهن جو دڙو
ڪاهوءَ جو دڙو
رني ڪوٽ
ڪوٽڏيجي
اروڙ جا اجڙيل نشان
پنيور
مڪلي جو قبرستان
اهي سڀ اسان جي تهذيب جا وڃايل پيرا آهن
پنهنجي اُجاڙ ڪي
هزارين سالن جي تهذيب جو نالو ڏئي ڊاڙون هٽڻ
ائين آهي
جيئن پنهنجي ماءُ کي ڪاري ڪري مارڻ
ءِ وري پاڻ کي غيرتمند چوڻ
جيڪڏهن ايترو غيرتي آهين تہ:
پنهنجي اُجڙيل تهذيب کي ساڀي اوج ۾ زندهہ ڪري ڏيکار
پنهنجي قوم کي واپس پيرن تي بيهاري ڏيکار
دنيا کي ٻڌاءِ تہ
اسين سنڌي!
اُجڙي وري اُسري سگهڻ جي سگهہ رکون ٿا
اسان ڪِري وري اُٿي سگهون ٿا
اسان دنيا سان گڏ هلي سگهون ٿا
اسان دنيا سان گڏ ٻيهي سگهون ٿا.

❑

اي عشق

اي عشق!
تون مون تي رحم ڪر
مان سائنس ٿو پڙهڻ چاهيان
مان ٽيڪنالاجي جي دؤر ۾ وڃڻ ٿو چاهيان
۽ تون....!!
واعدن ۽ اقرارن جي زنجيرن ۾
قيد نه ڪر مونکي
مان!
سائنسي تجربا ڪرڻ ٿو چاهيان
تون مونکي شيرين فرهاد جي محبت جا فلسفا نه پڙهاءِ
مان نئون روبوٽ تخليق ڪرڻ ٿو چاهيان
مونکي شعرن جي دنيا ۾ ونڊي نه وڃ.
اي عشق!
منهنجي پَڇَرَ ڇڏ
مونکي درگاهن جا چڪر نه ڪٽراءِ
ڏاڪڻ ڦيٽڻ جي دنيا ۾
آستانن ۽ مئخانن ۾ نه وجاءِ مونکي
اي عشق!
مان ايڪيهين صدي جو نوجوان آهيان
مونکي سائنسي دؤر ۾ ساهه کڻڻ ڏي
دنيا ڏسڻ ڏي
جيئڻ ڏي
مان اُڏامڻ ٿو چاهيان
منهنجا پَرَ نه پَٽُ
وڃ،
وڃي ڪنهن واندي جو پاسو وٺ.

❑

ننڊ

اڄ منهنجي ننڊ جي پهرين ورسي آهي
سال ٿي ويو آهي تنهنجي رُسڻ کي
جڏهن کان تون رُٺي آهين
اکين خواب ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنا آهن
او رُٺل ماڻهو!
اڄ،
منهنجي اکين ۾ خوابن جي نئين جوت جلائي وڃ.

❑

برانڊ

هونرڙ تي
مسلماني جو اشتهار هٽي گهمندو آهي
شرابي دوستن سان شرابي
زانين سان زاني
ءِ جوارين سان جواري
سندس شخصيت جون پوشيده خوبيون آهن
منشيات ءِ ڪوڙ جي ڪاروبار جو چيمپئن آهي
هتي جا ماڻهو
هونئن به وڏين گاڏين جا سلامي آهن
شرافت جا معيار
هاڻي تبديل ٿي چڪا آهن
ءِ مان اڌ چرياڻ!
آدرشن جا لاش ڪلهي تي کڻي
هاڻي ٽڪجي پيو آهيان
اها ڳالهه چونه ٿو سمجهان ته
هاڻي اسان جو ڪتارا شرافتي برانڊ نه هلندو.

❑

ملامت

منهنجو ضمير
ملامتي آهي مونتي
منهنجي "خاموشي" ننديِ رهي آهي مونکي
مان!
جيڪو چَپَ سِبي ويٺل آهيان
هڪ زندهہ لاش جيان
ڏِسي رهيو آهيان
هي ديس ڪُتن جي چڪ ۾ آهي
ڪُتي چڪيل معصومن جا لاش
۽ گڏهہ گاڏي تي پيل بيمار "نوران" جون ٻيوس اکيون،
پري کان ٻُجا ڏئي رهيو آهن مونکي
۽ مان پنهنجي ڏُنُ ۾ گم آهيان
چوتہ مان ڪائنر آهيان
ڍڇڻو آهيان
۽ گيدي آهيان.

❑

آسمان جا تارا

رولاکي
مون بادلن کان سِکي آهي
آسمان جا تارا
کندا آهن مونسان ڳالهيون
"چنڊَ چهرو" غرور آ منهنجو
بيقراريءِ بيچيني
عشق کنديون هن مونسان
آسمان جا تارا ڇُٽي سگهندين؟!
منهنجا درد بہ ڇُٽي نہ سگهندين!
بادلن کي روکي سگهين ٿو؟!
مونکي بہ روکي نہ سگهندين!
تنهنجي ڇُٽن جي ڇُگهہ جو قسم!
مان،
بندڻن ۾ قيد ٿيڻ وارو ناهيان
مونکي ڇڏ
ءِ منهنجي واپسيءَ جو انتظار کر!

❑

سکڻي ڪُني

هُن کي
سکڻي ڪُني ۽ ڏوئي ۽ سان پيار آهي،
چو تہ هوءَ
پنهنجي ٻارن کي
سَکڻي ڪُني ۽ ڏوئيءَ جي موسيقي تي
لوري ڏئي ننڊ ڪرائيندي آهي.

❑

ڪاري تنهنجي سوچ

ڪاري تہ رات آهي
ڏوهي تہ سج آهي
ڪارو تہ چنڊ آهي
ءِ ڪارو تنهنجو مَنُ آهي
ڪاري تنهنجي سوچ آهي
اي ڪمبخت!
پنهنجي پيٽ نہ مار!
پنهنجي ماءُ نہ مار!
پنهنجي زال نہ مار!
پنهنجي ڌيءُ نہ مار!

❑

عجب اضطراب

مان
عجب اضطراب جي ڪيفيت ۾ آهيان!
ڪيئي سوال هن مون ۾
جن جو ڪو جواب ئي ناهي
منهنجو نِردئي مَنُ
چين کان پري ٿو ڪري مونکي
مونکي اڪيلائي سان عشق آهي
مراقبي ۾ آهيان مان
صحرا مونکي سڏي رهيو آهي
سسئيءَ جو سُور آهيان مان
منهنجي دل جي سُهٽي
درياهه جي دهشت لاءِ سِڪي مُئي آهي
مومل جيان پورائيءَ ۾
مان پنهنجو وجود
اهنجن ۾ وجهي ڇڏيو آهي
شامي ۽ بارن جا لاش
ڪشميرين ۽ فلسطينين جون چيخون
مظلومن جا سَڏَ
نه ڄاڻ!
ڪڏهن کان گونجن ٿا منهنجي ڪنن ۾

مونکي هن پاتال مان ڪڍو
منهنجو ساهه ٿو مُنجهي
مان اڄ جو انسان
امن ٿو چاهيان
مونکي جيئڻ ڏيو.
مونکي جيئڻ ڏيو.

❑

چري

هُن جو دامن
ليڙون ليڙون آهي
هن جا چاڪَ
چِڪي رهيا آهن
هن جون اکيون
اوجاڳن ۾ ڳاڙهيون آهن
هُن جا چپ
سُڪي ويا آهن
هُن جا اُرهه مروڙجي موهه ويڃائي چڪا آهن
بس رڳو هن جو پيٽ ٻاهر نڪري آيو آهي
هوءَ چري آهي
ءِ هُن جي چوليءَ کي،
شهر جي ڇوڪرن
ائين داغدار ٻڌائي ڇڏيو آهي
جيئن چنڊ کي داغ آهن.

❑

اوسامراج!

اوسامراجَ!
منهنجا ڀيرو تون شايد ان لاءِ کَنيين ٿو
جو تنهنجو ڪُڙم،
کَدڙن جو ڪُڙم آهي.
تنهنجي اجهل عورتن کي
حوس پوري ڪرڻ لاءِ
منهنجي ڀيروئن جا جوان "راندیکا" کپن ٿا.

❑

او دولابي

جنهن ڏرتيءَ جو،
آنُ ٿو کائين
جنهن سنڌوءَ جو،
پوتر پاڻي
اڄ اجهائڻ لاءِ پيئين ٿو
ان ئي ڏرتيءَ جي پُٽ ۾
تون روز نوان خنجر ٿو کوڙين
او دولابي!
هڪڙو چڪلو
تنهنجي من ۾ آهي
ڏرتيءَ سان دولاب ڪرين ٿو
تون پنهنجو پاڻ سان ريپ ڪرين ٿو.

❑

شڪاري!

رولو ڪتن جيان
هُن جون نگاهون
شهر جي چوڪ تي ٻيهي
روز شڪار تلاشيندیون آهن
ائين،
جيئن،
ٻُڪيا ڪتا
ماس- هڏو تلاش ڪندا آهن
ناري چا لنگهي؟!
هن جون نظرون اُرهن کان ٿيندیون،
پيٽَ، دُنَ ءِ دُنَ کان هيٺ تائين ڪُپي ويون،
پُٽيرڪي ٿي تہ سندس نظرون
بدن جي موهہ ۾ قاسي پيس
چال مان چَسُ ونندو
ڪيس نظرن ئي نظرن ۾
اڌ اگهاڙو ڪري چڪو!
ويجهو ويجي،
هن جڏهن سَتَ ڏيئي سندس برقعو لاٿو تہ
سندس پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي،
چوڪري تہ سندس ڏيءُ نڪتي!!

❑

ڪاري ياد

رات جا رستا لتاڙي
مون وٽ،
پهتي آهي هُن جي ياد!
ماڻهن جو وس پُڄي ته،
ڪيس ڪاري ڪري مارين.

❑

وچن ڪر

تون ايترو غيرتي آهين تہ،
وچن ڪر،
جيستائين پنهنجي ڪنواري پيٽ کي
نہ اٿارينديين
سڀ لڏتون توتي حرام آهن
ايتري قدر جو
زال سان بہ نہ سمهہ!

❑

چمين جا پوپٽ

هو روز انو
هڪ وڻ هيٺيان ويهي
سوچيندو آهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ
هي اهو ئي وڻ آهي
جتي ٻيهي سندس ماءُ
ڪيس اسڪول وڃڻ لاءِ
الوداع ڪندي هئي
ءِ "فلائنگ ڪِس" اڏاري ڪيس چوندي هئي:
اهي "چمين جا پوپٽ" اٿئي...
هُو اسڪول ويندي ويندي
رستي تي جڏهن پوپَٽَ اڏامندي ڏسندو هو
سمجهندو هو تہ
اهي سندس ماءُ جون چمُيون آهن
اڄ بہ هو اُن وڻ هيٺان روز....
چمين جا پوپَٽَ پکڙيل ايندو آهي.
پر هاڻي نہ سندس ماءُ آهي نہ اهو گهَرُ،
پوڏ سندس زندگي جي نون المين کي جنم ڏئي چڪي آهي.

❑

اعزاز

چُمين جا پوپٽ
منهنجي چپن تي
ڳلن تي
سيني تي
ساهَن تي
ائين ٻُڪن ۽ ڏوڙن ٽا
جڙ اهي ڪنهن باغ ۾
گُلڙن جو رَسُ چوسيندا هجن
تنهنجون ڏَنل چُميون
منهنجو شناختي نشان بڻجي ويون آهن.
۽ تنهنجا پاڪُرَ،
منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهن.

❑

بي غيرتي

هُن،
پنهنجي نابالغ ڏيءُ
هڪ اڌڙي شخص سان پرٽائي آهي
جنهن جو هڪ پير قبر ۾ آهي!
۽ هُن پاڻ
ڏيءُ کان ٻه ننڍي نينگرِ سان
ڪيو آهي نڪاح!
بي غيرتيءَ کي پيو پلا ڇا سِگ ٿيندا آهن.!؟

❑

ٽرياڻيءَ جو درد

هُن جو وُجود
صحرائن جي گهيري ۾ آهي
سَنهڙِي سيپڪڙي
لانئون لهڻ وقت سندس دل ۾
بَهارَ ڦُٽي پئي هئي
ڪُکِ سائي ٽيس تہ
هُن جي اُماس ۾
روشنين جو شهر اڏجي ويو
ڪيس پٽ تہ ڇائو
پر هوءَ پاڻ مري وئي
چون ٿا
خوراڪ نہ ملڻ سبب ڪمزور ٿي وئي هئي
هُن جو وجود
ويم جي سورن ۾ ئي ڏهي پيو هو
هُنَ جي ڇاتي سُڪي وئي هئي
هن جو ٻار ڪير لاءِ رڙي رڙي مري ويو
ءِ ماءُ پُٽ جا لاش
حڪمرانن کي پونبو ڏئي رهيا هئا.

❑

مرشد!

معصوم مريدياڻين جي
عزتن کي نيلام ڪندڙ مرشدَ!
ڇا پنهنجون زالون؟
مريدن کي لِکي پَڙهي ڏيندا.

❑

محبت جو نشو!

تنهنجي هڪ چُمي
اڪيلائيءَ جي سموري زندگيءَ تي پاري آهي
تنهنجا ٻئي چَپَ
سنڌوءَ جا ڪَپَ آهن
آئون تنهنجي اکين جي سمنڊ ۾
غوطا کائڻ جو هيراڪ آهيان
پر تون سمجهين ٿي تہ:
آئون شرابن جو هيراڪ آهيان
پَڪَ ڇاڻ
مونکي تنهنجي محبت جو نشو آهي.

❑

غدار

اوسنڌ جا غدار!،
توکان تہ
"ڪُتي جي قبر" چگڻي آهي
گهٽ ۾ گهٽ
ماڻهو اتي گهمڻ تہ وڃن ٿا.
تنهنجي قبر تہ ماڻهن لاءِ سِکي مرندي!!

عشق

تنهنجي اکين ۾
پويَٽَ جا رَنگَ آهن
ميندي ۽ جي خوشبوءِ
تنهنجي مَنَ ۾ مَهڪِي رَهي آهي
تنهنجا ٿَڌا ساهَ
ان ڳالهه جي گواهي آهن ته
توکي هاڻي عشق ٿي ويو آهي.

❑

انتظار

هُنَ
منهنجي اکين ۾
انتظار جا سوئا ٽُنبي ڇڏيا آهن
وڇوڙو
آريءَ جيان
منهنجي وجود کي چيري رهيو آهي
هُن کي چَئو
منهنجي دل جي هر ڌڙڪن ۾
ساهه جي هر سَهڪي ۾
هر پلَ جي پُڪار ۾
صرف تون ئي تون آهين
مون کي اڄ پي هُن سان
بي انتها پيار آهي
جنهن، منهنجي اکين ۾،
انتظار جا سوئا ٽُنبي ڇڏيا آهن
کيس چئو تہ:
آئون آخري هڏکي،
هُن جي پاکر ۾ ڪٽڻ چاهيان ٿو.

❑

فقيرياڻي

تنهنجي قاتل چولي
تنهنجي اُجرّيل جيوَن جي
ڪهاڻي ٻڌائي رهي آهي
اي فقيرياڻي!
تنهنجو ميرو چهرو
شهر جي سفيدپوشن جو پتڪو لاهڻ لاءِ ڪافي آهي.

❑

تون ئي تون

ڪئمپس
ڪاريڊور
ڪلاس روم
ڪينٽين
سيمينار لئبريري
سي ايل
زيرو پوائنٽ
مارئي هاسٽل
پوائنٽ
هيٺ
مٿي
هيڏي
هوڏي
اُف الله!
جاڏي ڪاڏي
تون ئي تون نظر ٿي اچين
ڪٿي مان چريو تہ نہ ٿي ويو آهيان؟.!

❑

تنهنجو بدن

تنهنجو بدن
چيڪِي متيءَ جھڙو آهي
جنهن کي جيترو ڳوهجي ٿو
خوشبوءِ سان واسي ٿو ڇڏي اوترو.
تنهنجو بدن
سنڌوءَ جي لَهرن جھڙو آهي
جنهن جي هر لَهرَ ۾ عجيب آتش آهي.
تنهنجو بدن
اياز جي ڪُل شاعريءَ جھڙو آهي
جنهن جو ڪو انت بحر ئي ڪونهي
تنهنجو بدن
بخاريءَ جي گيتن جھڙو آهي
الھڙ ۽ پُر ڪيف،
تنهنجو بدن،
امدادَ جي نظمن جھڙو آهي
باغي.
تنهنجو بدن
سنبارا جھڙو آهي
جنهن مان
منهنجي اجڙيل خوابن جي تاريخ ليئا پائي رهي آهي.

❑

منهنجو عشق

منهنجو گهر
ڪچو ضرور آهي پر،
منهنجو عشق
پڪو آهي
رني ڪوٽ جي ديوارن جيان
جيترو پراڻو ٿيندو
اوترو ان تي تحقيق جي گهرج وڌندي.

❑

تنهنجون اکيون

تنهنجي اکين ۾
تنهنجي غربت جي تصوير
ائين نَنگي ٿي ييئي آهي
جيئن لاڏائن جي پونگين تي تَنگيل
ڦاٽل رلي ءَ مان،
هُنن جي ماين جي حُرمت!

❑

تنهجون يادون

منهنجي مَنَ ۾
تنهنجون يادون
ائين سنياڻي رکيل آهن
جيئن
سنڌ الاجي ۾
سنڌ جي تاريخ....

❑

قلم

منهنجو قلم
شاهہ عنايت جو نعرو آهي
سُقراط جو سچ آهي
منهنجو قلم
هوشوءَ جي هشمت آهي
دودي جي غيرت آهي
دولهہ دريا خان جي دليري آهي
منهنجو قلم
مخدوم بلاول جو ظرف آهي
جيڪو سِر تہ ڏئي سگهي ٿو
سودو ڪري نہ ٿو سگهي
اهي ماڻهو،
جيڪي پنهنجو قلم وڪڻن ٿا،
دراصل اهي،
پنهنجو پاڻ سان ريپ ڪن ٿا.

❑

تنهنجا ٹهڪ

تنهنجا ٹهڪ
پيجل جي سُرن جهڙا آهن
جڏهن به گونجن ٿا
دل چوي ٿي ته
سِرُ لاهي
تنهنجي قدمن ۾ رکي ڇڏجي.

❑

منهنجي غربت

منهنجي غربت
مارئي جي غيرت جهڙي آهي
جنهن کي اڄ ڏينهن تائين
کو به عُمَر
خريد کري ناهي سگهيو.

❑

حساب

تنهنجون اکيون آهن
يا
الجبرا جو ڪو حساب؟!
جنهن کي جيترو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو
ڦاسندو ٿو وڃان.

❑

موبائيلي عشق

پِرين ڏانهن خط ڪٽي ويندڙ
پکين جو نئون نسل
بيروزگار ٿي ويو آهي
موبائيلن
گھٽن وچ وارن جو ڏنڏو
ٽپ ڪري چڏيو آهي
اڄ جو عشق
موبائيلن جي بيٽري تي جيئندو آهي.
ڪلاسيڪي محبت جون ڪھاڻيون
سردخاني ۾ پيل آهن.
ماڻھن کي ڪھڙي خبر ؟
قصور عشق جو نہ
دور جو آهي.
عشق ۾ تڙپ
محبت ۾ انتظار
انتظار ۾ بيقراري
بيقراريءَ ۾ بيچيني
بيچيني ۾ سِڪَ
ءِ سِڪَ ۾ جُستجو
پراڻي عشق جو نَصاب آهن

اڄ جو جديد عشق
نہ تڙپائي ٿو
نہ انتظار ٿو ڪرائي
هي موبائيلي عشق جو زمانو آهي
جنهن جي نصاب ۾
تڙپ
۽ اوجاڳن جو باب آهي ئي ڪونہ
اڄ هِڪَ
سيٽي ٻِي
ٻي ڏاڙي ٽئين ۽ پوءِ...
ڇا جو عشق...ڇا جي چاهت؟...
مون تہ مذاق پئي ڪئي!.....

❑

واپاري

نياڻين کي ٿَکَن تي نيلام ڪندڙ
او گوشت جا واپاري!
ڇا توکي تنهنجي ماءُ
ڪوئي تي ڇڻيو هو.

❑

الاءِ چو؟

الاءِ چو؟
زوريءَ پر ٽايل نارين جا
نڪاح ناما،
مونکي زَنا جا پرمت سرٽيفڪيٽ لڳندا آهن.
الاءِ چو؟
حق بخشايل نياڻيون،
سماج جي مُنهن تي
ٿُڪ اڇلائيندي محسوس ٿيندیون آهن.
الاءِ چو؟
حويليءَ مان اُٽندڙ ،
ڪنوارين جون پڪارون،
اڄ بہ وڏيرن جي ڪوٺن جي،
ڪُنگرين ۾ قاسي پون ٿيون.

❑

لاش

ڊير تي پيل پارَ جو،
اڌ ننگو لاش،
رڙيون ڪري چوي ٿو تہ:
هي ڪوفي جو شهر آهي ،
ءِ هوُ،
يزيد جا پٽ هئا.

❑

ڪُتا

ڪالھ
شھر جي سيني ڪُتن
احتجاج ڪيو
ان شخص خلاف
جيڪو سنڌ سان روز غداري ڪري ٿو
۽ روز وفا جي ھام بہ ھڻي ٿو
ڪُتا،
وفا جو نانءُ بدنام ٿيندي نہ ٿا ڏسي سگھن.

❑

ماڻهو

منهنجي شهر جا ماڻهو
انڌا
گونگا

ءِ
ٻوڙا آهن
هِنن کي
منهنجا سُڌڪا ٻڌڻ ۾
گوڙها ڏسڻ ۾
ءِ جذبا
سمجهه ۾ نه ٿا اچن.

❑

سَچُ

منهنجو سچ
تنهنجي شهر ۾
ائين تماشو بڻجي ويو
جيئن
نرتکي ميلي ۾.

❑

وڏيرو

ڳوٺ جي اڌ ماين سان،
هُن جي ياري آهي
هُن جي زال وري
گهر جي نوڪرن جو سُکُ
وڏيرا!
وقت جي انتقامَ کي پيو ڪَنَ ٿيندا آهن؟!
سُڌري وڃ.

❑

ضمير فروشي

هوءَ رنڊي آهي
گوشت جي بازار ۾
پنهنجو تَنُ مَنُ وڪڻي ٿي
هوُ
چونڊيل نمائندو آهي
سياست جي بازار ۾
ضمير وڪڻي ٿو
ضمير فروشي
جسم فروشي کان وڏو ڏوهہ آهي.

❑

ڪُتي جو پڇ

ڪُتي جو پُڇُ
ڪڏهن بہ سڌو ناهي ٿيندو
او وڏيرا
او پوتار
او مير
او پير
سنڌ جي پٺيءَ ۾ خنجر نہ ڪُپاءِ
مان روز ٿو توکي چوان
تون پوءِ بہ نہ ٿو مُڙين
شايد،
تون ڪُتي جو پُڇُ آهين
ءِ ڪُتي جو پڇ،
ڪڏهن بہ سِڌو ناهي ٿيندو.

❑

پوتار

الیکشني پوتار

ءِ

ڪُتي جي پڇ ۾

ڪو بہ فرق ناهي

هُن کان تہ

رَنڊي پِلي

گهٽ ۾ گهٽ

ديس تہ نہ ٽي وڪٽي.

❑

بازار

ووٽن جي بازار لڳي آ
گھٽن ماڻھن پوش خريد ڪيا آھن
سنڌيت جو پوش
سستو ٿو وڪامي
هر ماڻھوءَ پنھنجي چھري تي
سنڌ دوستيءَ جو بئنر ھٽي ڇڏيو آھي
خبردار!
ھن پيري غلطيءَ جي ڪا بہ گنجائش ناھي.

❑

اي پٽائي!

اي پٽائي!
تون ڏرتيءَ کي چيري
ٻاهر نڪري آءُ
هو تنهنجي قبر کي
روز نيلام ٿا ڪن
تنهنجو پيغام اهو ناهي،
جيڪو ٻڌايو پيو وڃي.

❑

ڪاري

شاديءَ جي رات
پنهنجي بستر تي
ڳاڙهو رنگ هاري
هُن بچائي ورتو پاڻ کي
ڪاري ٽيڻ کان!!....

❑

پاڪُر

تنهنجي پاڪُر بنا
هر موسم
سرديءَ جي موسم آهي
تون گڏ آهين تہ
هيٽر جي ڪا بہ ضرورت ناهي.

❑

پگھار

هُن جو پيءُ
هُن جي پگھار تي ڇوڪرا پالیندو آهي
ميلا گھمندو آهي
ءِ مُڇ کي وٽ ڏيئي
شهر جي هوٽل تي،
بغل ۾ سھٹا ڇوڪرا ويھاريندو آهي
ءِ ها!
هڪ ٻيو ڪم ٻہ ڪندو آهي
پنھنجي جوان جماٹ ڏيءُ لاءِ ايندڙ رشتا
نُڪرائيندو آهي.

❑

پاڙي جو سُک

اڇي ڏاڙهيءَ ۾ اٿو خراب ٿيو آهي ،
هُن جو،
آسي ۾ سندس مت کَسِي آهي
وارن کي خضاب هٽي
حڪيم کان ڪَڪَ ونڻي
هو سمجهي ٿو ته:
چوٽين شادي هن جي ڪاپي هٿ جو کيل آهي
هو نہ ٿو سمجهي
هِنَ عُمر ۾ سندس شادي
پاڙي جو سُکُ آهي.

❑

شرم کر

جاڻان ٿي
گرلس کاليجن جي رستن تي
تون چوڪرين پنيان
سجو ڏينهن ٿُڪون چَٽيندو آهين
ڇا گهر ۾ اچي
مونتي رعب جمائيندو آهين
بهانن سان مارييندو آهين
"مانيءَ ۾ لوڻ ڪونهي ڪو"
نمڪ مانيءَ ۾ نه پر تو ۾ ڪونهي
شرم ڪر
مان تنهنجي وڏي پيٽ آهيان
جنهن کي تو گهر ۾ ويهاري ڇڏيو آهي.

❑

اي خدا!

اي خدا!
منهنجي پيءُ جي عقل تان پردا هٽاءِ
هو مونکي ان لاءِ نہ ٿو پرٽائي
جو هو،
منهنجي پگهار تي نڻَ ڪري ٿو
خواهشن کي گُهٽا ڏيندي ڏيندي
هاٽي اڏ_پوڙهي ٿي وئي آهيان
مونکي چاندي وارن جو قسم!
اجا تہ سَتُر رکيو پئي اچان
پنهنجيءَ تي آيس تہ
هِنن کي پينگها پنائي ڇڏيندیس.

❑

هُو

هُو،
جيترو سُريتون ويهارڻ جو شوقين آهي
اوترو ئي،
نياڻيون ويهارڻ جو به!.....

❑

رانگ نمبر

او مذهب جا ٺيڪيدار!
مون کي تنهنجي
اسلامائيزيشن قبول ناهي
او مُلان!
مان وقت جو سچل آهيان
پلي مون تي فتوائون جاري ڪر
او يزيد!
مان وقت جو حُسين آهيان
پلي منهنجو سِرُ قَلم ڪر
او فرعون!
مان وقت جو موسيٰ آهيان
پلي مونکي آڙاهہ ۾ اڇلاءِ،
او ظالم!
مان وقت جو بلاول آهيان،
پلي مون کي گهاٽي ۾ پيڙهہ
مان وقت جو عنايت آهيان

پلي مونکي ڦاهي ڏي
مان وقت جو سُقراط آهيان
پلي زهر جو پيالو پيار
پر ها!
هڪ ڳالهه ٻُڌي ڇڏ
مان تنهنجي آڏو نه جهڪندس،
تون هن دور جو
سڀ کان وڏو رانگ نمبر آهين.

❑

ڪاش!

هُن کي وري
چريائپ جو دورو پيو آهي
انڊن جي شهر ۾
آئينا ٿو وڪڻي
ڪاش!
غيرت جون بہ ڪي گوريون هجن ها
انهن کي ڪارائجن ها
جيڪي پنهنجن جي پٺُ ۾
ڇرو هڻندي بہ دير نہ ٿا ڪن.

❑

ڳوڙها

ڳوڙها
منهنجي ڳَلَ تان
ائين ڳڙي پيا
جيئن برسات ۾
منهنجو ڪچو گھَرُ.

❑

پوڙهو مڙس

هُن جا پوڙها
ڏکندڙ هتَ
منهنجي جسم جو اڌ طواف ڪري
ٽڪجي ٽا پون
هُن جي سرد جسم کي
ورهين کان گهري ننڊ آهي
آئون پنهنجي جذبن کي
ننڊ جون گوريون ڏئي سمهاريندي آهيان
ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان
مون کي منهنجي پيءُ
هِن پوڙهي سان ڇو پر ٽايو؟!.

❑

هُن جو جسم!

هِن
جسم جي جنهن حصي کي
18 سال وڏي نفاست سان سنياليو رکيو
هُن
18 منٽن ۾
سندس آنگُ آنگُ ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو،
چون ٿا
ڳوٽ جي وڏيري جو پٽ آهي
چوندو ٿو وتي
"منهنجو ڳوٽ، منهنجا ماڻهو، منهنجي مرضي."

❑

اکيون

منهنجون اکيون
ڪنهن غريب جي ڪچي گهر جيان
ٽِمنديون آهن
فرق صرف اهو آهي تہ اُهي تنهنجي ياد ۾
ءِ هُوبرسات ۾.

❑

تحفا

گوڙهَا
انتظار
بيوسي
بي خودي
سارون
هي سڀ
تنهنجا ئي تہ ڏنل تحفا آهن.

❑

اي سنڌ!

هُن جو رَتُ
سفيد ٿي ويو آهي
اي سنڌ!
تنهنجا درد
هاٽي هِن کي
نظر نہ ٿا اچن.

❑

پاڇو

مان
پنهنجي ذات ۾
تنهنجو پاڇو آهيان
تنهنجو پاڇو
پنهنجي ذات ۾
مان ئي تہ آهيان ڇري

❑

انتظار

تو چيو هو تہ
تنهنجو منهنجو پيارُ
ڪنهن مُندَ جو محتاج ناهي
اي وعده فروش!
هيءَ ڪهڙي مند آهي
منهنجو انتظار ڪُتي ئي نہ ٿو.

❑

زندگي

تو چيو هو تہ
"تون منهنجي زندگي آهين"
پوءِ آخر چو؟
تو پنهنجي هٿن سان
مونکي گُهتو ڏئي ماري چڏيو.

❑

پک ڏي

اي محبوب!
تون رڳو
پُڇڙ لاءِ اڇڙ جي پک ڏي
مان اهڙو بيمار ٿي ٿو پوان
جو ڪڏهن به خوش نه ٿيان
ءِ لطيف جيان،
اها ئي دعا گهران ٿه:
ويڇ م پُکي ڏي،الا! چگّي م ٿيان،
سڄڙ مانَ اچي ڪَرَلاهُو ٿي ڪڏهين.

❑

ڊائري

تنهنجي ڊائري مان
تنهنجي مُئي پُڄاڻان
ڪومائجي ويل گُلُ
ڪجھ سڏڪا
سَناڏو
ٽُٽل چوڙيون
ڪارو ڏاڳو
ءِ هڪ ڇِٽي ملي آهي
جنهن ۾ تو لکيو آهي تہ:
"هِنن منهنجو حق بخشرايو آ
مون کي اهو قبول ناهي."

❑

اي ٽي ايم

هوءَ سامائي تہ
سڄو ڳوٺ چريو ٿي پيو
هُن جي سُڄن مائٽن،
هُن کي " اي ٽي ايم" سمجهي ورتو
هُن جا خواب
پڙيءَ ۾
روز ائين نيلام ٿيا
جيئن چَڪلي ۾ کا رنڊي.

❑

حاصلات!

تنهنجي ڏور نهار ۾ ئي
هزارين لڏتون آهن
تنهنجي مُرڪ ۾
ڪيئي عيدون پنهان آهن.
تنهنجي ڇُهاءَ سان
زندگي رَڱن ۾ گردش ٿي ڪري
سوچُ!
تنهنجي حاصلات
ڪيڏي حَسين هوندي.

❑

اي پرين

اي پرين!
تون طبيب آهين
ءِ
تنهنجا ٿهڪ
بيمارن جو علاج.

❑

پاکر

خدا گواھ آھي
زندگي جي ھِنَ نِتھڻ اُس ۾
تنھنجي پاکُر ۾
جنتَ جو احساس لِکل آھي
اھا جُنت
جتان ڪير بہ اسان کي ڪڍي نہ ٿو سگھي.

❑

نگاهون

هوءَ
نگاهن جا پاکُر کٽي
ڳولينديِ ٿي رهي مونکي،
ءِ آئون آهيان
جو، کيس ڳولئي نہ ٿو لڀان.

❑

اقرار

هن جا سڀ اقرار
منهنجي تر جي ايم پي اي جي
وعدن جھڑا نڪتا.
هن جون ڳالهيون
اليڪشني منشور جيان هيون،
ءِ منهنجي حالت
انهيءَ ڏٺڙيل عوام جھڙي
جنهن جي اميدن
زهر جون ٽِڪيون کائي
ڪَڏهڪو خودڪشي ڪري ڇڏي آهي.

❑

پونڊو

هُن جي بُک
ستن آسمانن ۾
سوراخ ڪري ڇڏيا آهن
هُن جي لُڙڪن
سمنڊن کي به
شرمندو ڪري ڇڏيو آهي
هُن جي درد
سمورين فضيلت کي
ڪاري چادر اوڍائي ڇڏي آهي.
هن جي قاتل چولي ۾
وحشتن جا داستان لکل آهن.
هن جي اکين ۾
غربت جي پڪار آهي.
هن جي غيرت
ڪنهن آپگهاتي حملي ۾ شهيد ٿي وئي آهي.
هوءَ فقيرياڻي،
سماج جي منهن تي گهروڙيل پونڊو آهي.

❑

دل

تنهنجي منهنجي وچ تي
درياهہ آهن حالتن جا
منهنجي دل
ائين تڙپندي آهي
تنهنجي لاءِ
جيئن پاپيهو برسات لاءِ.

❑

خواب

ٻڌو آهي تہ
هن پنهنجي دل کي
رسن سان قيد ڪري ڇڏيو آهي
مائٽن
سندس اکين کي
چوديواري ڏياري آهي
کين شڪ آهي تہ
هوءَ خواب ڏسندي آ
هُن جي شهر ۾
خواب ڏسڻ تي پابندي آهي.

❑

پٿرن جو مينهن

منهنجي شهر ۾
پٿرن جو مينهن پيو آ
آئون وهنجڻ لاءِ نڪتو آهيان
منهنجي دل زخمي ٿي پئي آهي
دل جي آرسي
هزار ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي آهي.

❑

گدلاڻ

تنهنجا رويا
ماحولياتي گدلاڻ جو
سڀ کان وڏو سبب آهن
هي جيڪي تنهنجا ڳاڙها ڪَنَ آهن
اهي ٻڌائين ٿا تہ
تون بلڊ پريشر جو مريض آهين.

❑

سڪرات

سھڻيءَ جي محبت
ھاڻي ماضيءَ جو قصو ٻڌجي وئي آھي
ھير رانجھو
ليلا چنيسر
ءِ ليليٰ مجنون
تاريخ جي ڪٻاڙخاني ۾
پوريل اڌڙا لاش آھن
جن جي حشر تي
رڳو روئي سگھجي ٿو
ھيءُ جديد محبت جو دور آھي
اھا جديد محبت!،
جيڪا وچ روڊ تي،
ننگو ناچ ڪندي بہ شرمائي نہ ٿي،
حيا،
زھر کائي خودڪشي ڪري چڏي آھي
پراڻي محبت
وقت جي آءِ سي يو ۾
صدين کان سَڪرات ۾ پيل آھي.

❑

بليو پرنٽ

مان
نہ ڄام آهيان
نہ تون نوري
سادگي کي ڇڏ
اهڙا ڪپڑا پاءِ
جنهن سان
تنهنجي بدن جي بليو پرنٽ
سڄو جڳ جهان مفت ۾ ڏسي سگهي.

❑

مھاڻي

هوءَ روز ڏيئا پاريندي آهي
ڏورسمنڊ جي هن پار
مھاڻيءَ جو ورُ
سگريٽن جي دونهي ۾
روز جيئي ٿو ۽ روز مري ٿو،
الاءِ ڇو؟،
ڪيس پڪ آهي تہ
هو ضرور ايندو،
۽ جواني جي باھہ مان،
سندس پياسي بدن تي،
هزارين ڏيئا جلائيندو.

❑

بُجو

بُجي ۽
وڪٽري جي نشان ۾،
رڳو،
سمجھ جو فرق آھي.

❑

پرستان

اکين جي پرستان ۾
خواب
ڪنهن اهڙي پريءَ جيان لڳن ٿا
جنهن کي اڄ ڏينهن تائين
محبوب جو ديدار نصيب ٿي نہ سگهيو آهي.

❑

ياد

آڪاش جي سيني ۾
تارا ائين تمڪي رهيا آهن
جيئن منهنجي دل ۾
تنهنجي ياد.

❑

تون

مونکي
تون ائين ياد آهين
جيئن ماڻهوءَ کي پنهنجو نالو.

❑

ماءُ

ڏرتي ماءُ ٿيندي آهي
او ماءُ کي وڪڙ وارا!
مڙي وڃ
نہ تہ
ڪروڙين ورهين تائين
تنهنجا ايندڙ نسل
بي نڪا پيدا ٿيندا.

❑

پيٽ

سنڌو تهذيب جو لاش
کڙڀ مان مليو آهي
پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾
اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته،
هن جو پيٽ
سنڌوءَ جي پيٽ جيان خالي آهي
هِن ورهين کان نه کجهه کاڌو هو نه پيتو هو.

❑

رت جا رشتا

خود غرضي ۽
مفاد
رت جي بنيادي رشتن کي
جيئري ئي پوري ڇڏيو آهي
هڪ ماڻهو
چهري تي،
ڪيئي پوش پائي گهُمي ٿو
آئينو
اڄ جي انسان لاءِ
بُجوبڻجي ويو آهي.

❑

اڏوٽ ڪنواريءَ جو درد

هن جو وجود
ڪنهن پرندڙ جبل جيان آهي
هن جو پاڻُ
جڏهن پنهنجي نئين ڪنوار سان
محبت جا پَلَ گهاري ٿو
سندس ڪمري مان اُيندڙ
چوڑين جي موسيقي
مٽڙن ٺهڪڙن جي گونج،
تَڏن ساهَن جا آواز
هُن کي بيچين ڪري ٿا ڇڏين
هوءَ 45 ورهين جي عمر ۾ بہ ڪنواري آهي
سياري جي مُند
هن لاءِ عذاب جهڙي آهي
۾ گرميءَ جي مند
هن لاءِ قيدخانو
بهارون هُن جي اکين کي
ڳوڙهن جو دانُ ڏيندو هِن
آهون ۾ سِسڪيون،
هن نيم پوڙهي ڪنواريءَ جو
مقدر بڻجي ويون آهن
سندس پاڻُ
ڪيس ان لاءِ نہ ٿو پرٽائي جو
سندس اربيلي زال
هڪ "نوڪرياڻي" کان محروم ٿي ويندي.

❑

هوءَ

هوائون،
هن جي چُڙيل وارن کان
هڳاءُ ونڻي مَڏمست ٿي پون ٿيون
هوءَ جڏهن
فجر ويل
ننڊ مان اُٿي پانهون کولي آرس ٿي پيچي
سندس سپنڊيل اُرهن کي ڏسي
صُبح جو پَهرُ
گهڙي کن لاءِ ٻيهي ٿو رهي
هن جي اڇوتي پاڪر جي آس
پکين کي بہ بيقرار ڪري ٿي ڇڏي
هوءَ جا هاڻ ساماڻي آهي
هُن جي اکين ۾
هزارين عيدن جا چنڊ اُپري پيا آهن.
هُن جي خوابن ۾،
مينديءَ جي مستي آهي
ڱ هُن جي آنگَ وَنگَ ۾
اُڄ جو سمنڊ لڪل آهي
اُها اُڄ
جيڪا پيڙهڻ سان پوري ٿيڻ بدران
وڌي رهي آهي.

❑

Expiry date

هُن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو
"آئون رندي آهيان"
عمر سڄي
جواني لُٽي
دليون لُتيم
منهنجي در تي هاڻي
کير بہ نہ ٿو اچي
منهنجي پرس ۾ پيل
اڌ ڦاٽل نوٽ
ان ڳالهہ جي شاهدي آهي تہ
آئون هاڻي
Out dated
ٿي چڪي آهيان،
۽ منهنجي حُسن جي
Expiry date
گذري چڪي آهي.

❑

منهنجا نظم

مونکان منهنجا نظم وٺ
مون کي ماني ڏي
آنءُ لفظن جو جادوگر آهيان
کيڏي بدقسمتي آهه
پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ
پني رهيو آهيان
نه کير منهنجا نظم ٿو وٺي
نه کير ماني ٿو ڏي.

❑

"منهنجا مولا"

منهنجا مولا!
تو منهنجي مٽان
پنهنجي ٻاجهه جو ٻڙو لاٿو تہ
منهنجي قسمت ۾ ڪروڙين سوراخ ٿي پيا
هاٽي ٻڙو ڏئي
منهنجي پروڙ ٽيل وجود کي
وڏيڪ سوراخن کان بچاءِ!
منهنجا مولا!
منهنجي وجود ۾
پنهنجو خوف، ڪروڌ ءِ ڏمر نہ
پنهنجو رحم، ڪرم ءِ ٻاجهه اُتپن ڪر.
منهنجا مولا!
مونکي سگهه ڏي
مان تنهنجي ڪروڙين انسانن جي ڳلن تان
اُگهي سگهان ڳوڙها.
منهنجا مولا!
تون هيٺ لهي آءُ

وک وک تي ٿهيل اهي پنهنجا گهر ڏاهي ڇڏ
جتان نفرت ۽ ڀيائي جو پيغام ڏئي
تنهنجي بندن کي گمراه ڪيو پيو وڃي.
منهنجا مولا!
تون هيٺ لهي آءُ
پنهنجي بي گهر ٻانهِن جا گهَرَ ٺاهي وڃ.

۽
تنهنجي نالي تي دڪانداري هلائيندڙ رانگ نمبرن کي
پاڻ اچي ٻڌائي وڃ ته
هو چَپي چَپي تي ڏيڍ سِرَ جي مسيت ٺاهڻ بدران
انهن ماڻهن لاءِ گهر ٺاهين
جن کي عزتون ڇُپائڻ لاءِ ڪو اجهوئي ناهي.
منهنجا مولا!
مونکي سگهه ڏي
مان ماڻهن جي تقدير لکي سگهان
ته جيئن تنهنجي نگري ۾
ڪير به ٻُکيو سمهي نه سگهي.

❑

سنڌ سلامت


www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پٽ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پٽ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


ستار سروهي جي شاعري
"وقت جي پُڪار" آهي. هڪ انوکو
احتجاج آهي. هڪ سجاڳيءَ جو سڏ
آهي. هڪ اعلان آهي جنگ جو،
پنهنجو پاڻ سان، پنهنجي
ڪمزورين سان، پنهنجي اندر سان
۽ پنهنجي دشمن سان...ستار جي
شاعري ۾ هڪ پيغام آهي مزاحمت
ڪرڻ جو، سوچڻ جو، اٿي اڳتي
وڌڻ جو ۽ دنيا سان مقابلو ڪري ان
سان گڏ ٻيهڻ جو. هن وٽ سائنسي
تقاضائن سان گڏ هلڻ جو فلسفو به
آهي تہ پنهنجي حقن جي حاصلات
لاءِ قلم ذريعي مسلسل وڙهڻ جو
سڏ ٻ. مان اميد ڪريان ٿو تہ اسان
جو هي نوجوان دوست ۽ ان جو هي
نثري نظمن جو ڪتاب سندڙ جي
شاهڪار نثري نظمن جي ڪتابن ۾
شمار ٿيندو. يقين سان چوان ٿو تہ
ستار سروهي جا نثري نظم سندڙ
جي نظمين تاريخ ۾ پنهنجي نمايان
حيثيت سان نمايان ٿي ٻيهندا ۽
وقت ساڻس انصاف ضرور ڪندو.
زاهد شيخ
ڪراچي
باغي منمنجو روح ازل کان (نثري نظم) ستار سروهي سمارا پبليڪيشن حيدرآباد
215